# موتي مرجان

سنڌي، سرائيڪي، اردو، عربي ۽ فارسي ڪلام

غلام حسين "مشتاق" سچاروي

سرواڻ پبليڪيشن - حيدرآباد

موتي مرجان
غلام حسين "مشتاق" سچاروي
سرواڻ پبليڪيشن

# موتي مرجان

سنڌي، سرائڪي، اردو، فارسي ۽ عربي شاعري

غلام حسين "مشتاق" سچاروي

سروان پبليڪيشن
سچاروي هائوس، A-11، جي او آر ڪالوني حيدرآباد سنڌ
فون: 022-2781712، سيل: 0300-9371724

شاعر جا حق ۽ واسطا قائم


| | |
|---|---|
| ڪلام : | موتي مرجان |
| شاعر : | غلام حسين "مشتاق" سچاروي |
| پبلشر : | سرواڻ پبليڪيشن- حيدرآباد سنڌ |
| ڪمپوزر: | اسدالله پٽو |
| پيسٽنگ: | سهيل پٽو |
| ڇپيندڙ : | سچاروي پرنٽنگ هائوس حيدرآباد |
| ڇاپو : | پهريون، سال 2008ع |
| تعداد : | هڪ هزار |
| قيمت : | 150/- روپيا |

ملڻ جو هنڌ:

سرواڻ پبليڪيشن

سچاروي هائوس، A-11، جي او آر ڪالوني حيدرآباد سنڌ

فون: 022-2781712، سيل: 0300-9371724

# انتساب

پياري امڙ

**خاتون بيگم**

جي نانءُ

جنهن جي شفقتن، محبتن ۽ همت افزا مشورن والد محترم جي ننڍپڻ ۾ وفات واري ڏک کان آجو رکي، مون کي قرطاس ۽ قلم جي نعمتن سان آگاهي ڪرائي.

سڄڻ تنهنجي ساراهہ جا لفظ سارا،
بلاشڪ املهہ موتي مرجان آهن،
ڳَتي ڪانہ سگهبي ڪڏهن تن جي قيمت،
اهي عڪسِ آياتِ قرآن آهن.

# فهرست


| عنوان | صفحو |
|---|---|
| عرض حال: مشتاق سچاروي | 7 |
| پيش لفظ: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ | 14 |
| ٿي عطا "مشتاق" کي صَلِّ عليٰ جي روشني: مظهرالحق صديقي | 16 |
| 'موتي مرجان' – هڪ تجزيو: ڊاڪٽر حبيب الله صديقي | 25 |
| منهنجي نظر ۾: عنايت بلوچ | 29 |
| "مشتاق" جي محفل الڳ: امداد حسيني | 33 |

**سنڌي ڪلام**

| | |
|---|---|
| حمد باري تعاليٰ جل جلاله | 39 |
| ثنا سرڪارِ دوعالم ﷺ | 41 |
| ذڪرِ حسنين عليه السلام | 70 |
| نذرانهٔ عقيدت قلندر لال شهباز سيوهاڻي | 80 |
| ڀنائي کي ڀيٽا | 85 |
| غزل | 147-88 |
| ڪارناما لبنان وارن جا | 118 |
| جمهوريت صدقي وڃان...! | 121 |
| يلغار ڏس | 122 |
| ڇا ٿيندو..!!؟ | 124 |
| روشن تارا | 126 |
| زنده باد هاري | 127 |
| دوستي بس دنگ تي | 136 |
| پر فرصت نه آهه | 137 |
| موسم بهار آئي | 140 |
| مارئي جون امنگون | 150 |
| مارئي جي آه زاري | 152 |
| قوم مسلم کي خطاب | 153 |

| | |
|---|---|
| هاري جو حال | 156 |
| ڪافي | 158-157-108 |
| رباعي قطعا چوسٽا | 168-71 |
| سنڌ جي راڻي توکي سلام | 159 |
| بينظير ڀٽو شهيد جو ڪيڏارو | 161 |
| شهادت جو منظر | 164 |
| شهيد مرتضیٰ ڀٽو | 165 |
| قانون دان ميدان ۾ | 168 |


## سرائڪي ڪلام


| | |
|---|---|
| نعت | 169 |


## اردو ڪلام


| | |
|---|---|
| میری بارکیوں دیراتنی کری (دعا) | 173 |
| نعت | 174 |
| کربلا کی روشنی | 177 |
| قومی ترانہ | 179 |
| غزل | 210-182 |
| خون کی ہولی | 203 |
| بلوچ رجمنٹ سینٹرایبٹ آباد | 211 |


## عربي ڪلام


| | |
|---|---|
| نعت | 215 |


## فارسي ڪلام


| | |
|---|---|
| نعت، غزل، گلدستۂ عقیدت | 224-217 |

# عرض حال

نحمده و نصلي علىٰ رسوله الكريم- هزارين حمد ۽ ڪروڙين ڪرم ان ربّ ڪريم جل جلاله جا، جنهن انسان ڪي فهم و فراست، عقل و حڪمت، ڪلام و بيان، سمجهه ۽ سوچ، سياڻپ ۽ ڏاهپ جهڙين نعمتن سان نوازيو آهي. شاعري به انهن مان هڪ وڏي ذات آهي. هي بيان جي اهڙي پرزور قوت آهي، جيڪا ٻڌندڙن جي دل، دماغ ۽ ذهن تي وڏ مان وڏ اثر پذير ٿئي ٿي. ان ڪري شاعريءَ کي ”جزويست از پيغمبري“ چيو ويو آهي. هِن کان اڳ ”قصيده برده شريف“ جي سنڌي ۽ سرائيڪي زبانن ۾ شعري ترجمي ۽ نثر ۾ ترجمي ۽ تشريح واري ڪتاب ”جامِ ڪوثر“ ۾ مون پڙهندڙن سان وعدو ڪيو هو ته جلد شعري مجموعو به پيش ڪيو ويندو. هيءُ ڪتاب ”موتي مرجان“ انهيءَ سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي.

شاعريءَ جو شوق مون کي ننڍي ڄمار کان ئي حصي ۾ آيو. پندرنهن کن سالن جي عمر جو هوس ته مولود شريف، حمد ۽ نعتون لکڻ جي نعمت نصيب ٿي. 1952 ع کان 1958 ع جي طالب علمي واري عرصي ۾ مون وڏي انگ ۾ مولود شريف، نعتون ۽ حمد لکيا، جيڪي ان وقت ديني محفلن ۽ سيرت جي مجلسن ۾ مولودي حضرات ۽ نعت خوان، نهايت وڏي چاهه سان پڙهندا هيا. انهن ڏينهن ۾ حمد ۽ نعتن تي مشتمل هڪ ڪتابڙو ”گلزار حبيب“ به شايع ٿيو هو. مون کي چڱيءَ طرح ياد آهي ته 1953 ع ڌاري مرحوم عبدالله اثر، جيڪو وقت جو في البديه شاعر، تعليمي ماهر ۽ ڏاهو انسان هيو، اسان جي مدرسي ”دارالرشد“ ۾

مون سان ملڻ آيو. هُن منهنجا چند مولود شريف پڌا هيا، جن مان هڪڙو هن طرح هيو:

جبل سان مٿو چو هٽين ٿو هنيلا، محمد جو ثاني بشر ڪونہ ٿيندو،
ڪروڙين تون رنگين پٿر پسين پر، ڪو هيري جو همسر حجر ڪونہ ٿيندو.

جڏهن شاگرد مون کي سندس آڏو وٺي آيا تہ هُن کي اعتبار ئي ڪونہ آيو تہ پندرنهن ڪن سالن جي ڄمار جو طالب علم جيڪو هُن جي سامهون ويٺو هيو، سو اهڙي پڪي پختي شاعري ڪري سگهي ٿو. سندس خيال ۾ اهي نعتون ۽ مولود ڪنهن وڏي عمر جي عالم جا چيل آهن. سو هُن مون کان تعجب سان پڇيو تہ ڇا واقعي هي مولود شريف اوهان جو چيل آهي، جنهن تي مون ڪيس هاڪار ڪندي چيو تہ انهيءَ ۾ ڪهڙو شڪ آهي. ”ذالک فضل الله يؤتيہ من يشاءُ“. جيڪڏهن يقين نہ اچي تہ آزمائش شرط آهي. آءٌ هينئر بہ اوهان جي آڏو ڏنل طرح مصرع تي نئون غزل لکي ڏيکارڻ لاءِ تيار آهيان ۽ پوءِ ائين ئي ٿيو. اُن وقت آءٌ ”لاغر“ تخلص استعمال ڪندو هئس، پر ”اثر“ صاحب جن جي ارشاد تي مون ”مشتاق“ تخلص استعمال ڪرڻ شروع ڪيو. اندازن ٻارنهن تيرنهن سالن جي عمر ۾ سنڌي فائينل جو امتحان 1950ع ۾ ڏنو هيم. سنڌي فائينل جي تياري دوران علم عروض جي بحر وزن جي ڪافي ڄاڻ حاصل ٿي هئي. اسان جو استاد پير علي محمد ”اظهر“ ريلائي تمام سٺو شاعر بہ هيو. سندس صحبت ۽ بعد ۾ فارسي جي ڪتابن پڙهڻ وقت فارسي شاعري ۽ استاد مولوي نبي بخش ”نحيف“ زرداري جيڪو تمام پلوڙ شاعر هيو، جي رهبري سان شاعري ڏانهن رغبت شروع ٿي. خداوند حڪيم پاران بہ طبيعت ۾ اهڙو ميلان اڳ ۾ ئي رکيل هيو، جنهن کي بعد ۾ ظاهر ٿيڻ جو موقعو ملندو ويو. 1950ع واري ڏهاڪي ۾ مُشاعرن

جو وڏو زور شور هوندو هيو. اُن وقت ”انجمن آفتاب ادب“ دادو پاران حافظ احسن چنا ۽ ضامن صاحب جن جي ڪوشش سان باقاعده ماهوار مشاعرو ٿيندو رهندو هيو. بزم طالب الموليٰ پير رڪيل ريلائي، بزم طالب الموليٰ رڪڻ، ”بزم طالب خيرپور ناٿن شاهه، بزم بلبل ميهڙ ۽ بزم مُريد، ٻورڙي ۾ اڪثر طرحي مشاعرا ٿيندا هيا، جن ۾ مون کي شرڪت ڪرڻ جو موقعو ملندو رهندو هيو. هن ڪتاب ”موتي مرجان“ ۾ ڪجهه غزل ۽ مولود شريف اُن دور جا به شامل آهن. انهن محفلن ۾ حافظ احسن چنا، عبدالله اثر، احمد خان آصف، پير اظهر ريلائي، استاد بخاري، نشتر ناٿن شاهي، محسن ڪڪڙائي، سيد علي انور شاهه اجمل، حڪيم طالب عباسي، مولوي نبي بخش نحيف زرداري، ضامن دادوي، شاد عباسي، مريد جوٽيجو، اڪرم ٻورڙائي، نواز رڪٽائي جهڙا برک شاعر شرڪت ڪندا هيا. حقيقت ۾ اُن دور جي انهن علمي ادبي محفلن ۽ مشاعرن وڏا نانءُ پيدا ڪيا، جن جو مٿي ذڪر ٿي چڪو آهي. 1958ع کان 1968ع واري ڍاڪي ۾ تعليم ڪاتي ۾، هاءِ اسڪول ۽ ڊگري ڪاليجن ۾ استاد ٿي ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو. خالص علمي ماحول هجڻ سبب لکڻ پڙهڻ جو خوب شوق رهيو. ان وقت ”نئين زندگي“ ڪراچي، ”مهراڻ“ حيدرآباد، ”فردوس“ هالا ۽ ”ادا“ نوابشاهه مان رسالا باقاعدگيءَ سان نڪرندا هيا. انهن رسالن کان سواءِ ”هلال پاڪستان“ حيدرآباد، ”عبرت حيدرآباد، ”ڪاروان“ حيدرآباد، ”نواءِ سنڌ“ حيدرآباد، ”مهراڻ“ حيدرآباد ۽ ”خادمِ وطن“ حيدرآباد، جهڙيون معتبر اخبارون به شايع ٿينديون هيون، جن ۾ اڪثر منهنجا مضمون ۽ اشعار، اشاعت جو شرف حاصل ڪندا هيا. حيدرآباد ۾ رهائش هئڻ سبب انهيءَ دور ۾ حضرت طالب الموليٰ، مولانا غلام محمد گرامي، سيد علي اڪبر شاهه، سيد علي اصغر شاهه، مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي،

مخدوم امير محمد، غلام حسين سومرو، مولانا غزنوي، اسد ٽڪڙائي، احسن الهاشمي، مولوي عبدالغفور سيتائي، مولوي خيرمحمد نظاماڻي، عبدالواحد سنڌي، ڊاڪٽر ابراهيم خليل، عبدالله خواب، سردار علي شاهه، پروفيسر غلام حسين جلباڻي، پروفيسر واءِ ايس طاهر علي، ڊاڪٽر عبدالواحد هاليپوٽو، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر قاضي نبي بخش، ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان، پير حسام الدين راشدي، شمشيرالحيدري، نياز همايوني، امداد حسيني، پروانو ڀٽي، محبوب علي چنا، ڪريم بخش چنا، ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو، ڊاڪٽر حبيب الله صديقي ۽ سيد غلام مصطفيٰ شاهه جهڙن برک عالمن، ڏاهن، اديبن ۽ شاعرن سان ملاقاتون ٿينديون رهيون، جن جي صحبت ۽ شفقت مان گهڻو ڪجهه پرايو ويو. امين منزل حيدرآباد ۾ سائين طالب المولىٰ جن جي نظرداريءَ ۾ مشاعري جون محفلون سڄي رات هلنديون هيون. ڊاڪٽر ابراهيم خليل ۽ عبدالله خواب به مشاعرن جو اهتمام ڪندا هيا. هن علمي ماحول جي ڪري مٿي ذڪر ڪيل رسالن توڙي اخبارن ۾ منهنجا مضمون ۽ اشعار ڇپندا رهندا هيا. قلندر لال شهباز جي عرس تي لکيل 18 مصرعن تي مسدس عقيدت نامو به درگاهه پرسان ننڍڙي مسجد ۾ ٻه رڪعت نفل پڙهي، دعا گهري صبح جو شروع ٿيندڙ 712هين عرس نومبر 1965ع ۾ ٿيندڙ ادبي ڪانفرنس کان ٿورو اڳ ٻن ٽن ڪلاڪن جي اندر لکجي ويو. شعر لکڻ جي اهڙي واردات صرف الله جي ڪرم سان ٿيندي رهي آهي.

1968ع کان 1978ع تائين فوج جي نوڪري دوران شعر و شاعري جو سلسلو ته جاري رهيو، مگر محڪمي جي سخت ضابطن ۽ پابندين سبب اشاعت جو موقعو نه ملي سگهيو. ان دور ۾ ”حضرت علي جو نظامِ حڪومت“ تي هڪ ڪتاب لکي فوج

جي يونٽن ۾ ٻه ورهايو ويو هيو. 1971ع ۾ اڳوڻي مشرقي پاڪستان ۽ هاڻوڪي بنگلاديش ۾ نهايت هنگامي حالتن دوران ڍاڪا ۾ نوڪري ڪرڻ وقت ذاتي ڪتابن، مضمونن ۽ شاعريءَ جو وڏو ذخيرو اُتي رهجي ويو. ڊسمبر 1971ع ۾ سقوطِ ڍاڪا بعد جنگي قيدي جي حيثيت ۾ ٻه سال هندستان ۾ جنگي قيدي ڪيمپن بريلي ۽ ميرٺ ۾ رهڻ ٿيو. عين سقوطِ ڍاڪا واري ٻئي ڏينهن 17 ڊسمبر تي هڪ غزل اردو زبان ۾ لکيم، جو ٻه هن ڪتاب ۾ موجود آهي ۽ ان وقت جي تصوير پيش ڪري ٿو. جنگي قيدي هجڻ دوران ميرٺ ڪيمپ ۾ ٻه غزل لکيا ويا. 1973ع جي آخر ۾ وطن ورڻ ڪان پوءِ اڄ تائين اهو سلسلو جاري آهي.

پوين پنجن ڇهن سالن کان ”انجمن آفتاب ادب“ حيدرآباد پاران جنهن جون گڏجاڻيون اڪثر ”چاموٽ هائوس“ لطيف آباد حيدرآباد ۾ ۽ انجمن جي ٻين ميمبرن غلام حسين سچاروي جي ”سچاروي هائوس“، آغا مير محمد پناهه جي ”آغا هائوس“ ۽ ڊاڪٽر حبيب الله صديقي جي ”بيت العزت“ تي ٿينديون رهنديون آهن. جن ۾ سيد امير علي شاهه چاموٽ، سيد آفتاب علي شاهه چاموٽ، سيد علي گوهر شاهه چاموٽ، سيد غلام قادر شاهه چاموٽ، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر حبيب الله صديقي، مظهرالحق صديقي، غلام حسين سچاروي، ڊاڪٽر عبدالحليم قريشي، جهمٽ مل ايڊووڪيٽ، آغا ميرمحمد پناهه، عنايت بلوچ، پروفيسر عنايت الله زنگيجو، قلندر شاهه لڪياري، پروفيسر عنايت علي خان، محمد يوسف لغاري، مراد علي خان نظاماڻي، ڊاڪٽر طاها حسين علي، محمد اسلم ميمڻ ۽ ٻيا ڪيترائي ڏاها، عالم ۽ اديب شامل ٿيندا رهندا آهن. انهن محفلن ۾ زندگيءَ جي مختلف موضوعن تي خيالن جي ڏي وٺ جاري رهندي آهي. انجمن پاران مشاعرا، ادبي روح رهاڻ ۽ اسڪالرس جا ليڪچر ۽ سيرت ڪانفرنس،

محل موقعي جي لحاظ سان منعقد ڪرايا ويندا هئا. هنن ميڙن ۾ سرگرميءَ سان حصو وٺڻ سبب ئي هن ڪتاب ”موتي مرجان“ جي اشاعت لاءِ وڏيڪ اتساهه پيدا ٿيو.

زندگيءَ جا اندازاً 55 سال ڪن ٻين مصروفيتن سان گڏوگڏ علمي ادبي ۽ شعر و شاعريءَ جي ميدان ۾ گذريا آهن. انهيءَ وڏي عرصي دوران شاعريءَ جو چڱو خاصو حصو ضايع ٿي ويو آهي. بهرڪيف هِن اڌ صدي جي ڪجهه وارداتن کي هِتان هُتان گڏ ڪري هن ڪتاب ”موتي مرجان“ ۾ شايع ڪري رهيو آهيان، جنهن ۾ يقينن منهنجي ابتدائي شاعريءَ جي ڪچن پڪن خيالن جي جهلڪ به موجود آهي ته موجوده دور جي تصوير جي عڪاسي به نظر ايندي. 1952ع کان لڪيل شعر جيڪي اڪثر طرحي مشاعرن تي پڙهيا ويندا هئا، بنا ڪنهن تبديلي جي ڪتاب ”موتي مرجان“ ۾ شامل ڪيا ويا آهن ته جيئن ابتدائي شاعريءَ جو به صحيح اندازو لڳائي سگهجي. سنڌي توڙي اردو شاعريءَ جو اڌ حصو ڪن، ان اوائلي شاعريءَ تي مشتمل آهي. ڪجهه غزلن هيٺان تاريخ ۽ سال به ڄاڻايا ويا آهن، ته ڪجهه اڻين به آهن. پر هر دور جي جهلڪ ان دور جي شاعريءَ مان صاف صاف نظر ايندي آهي، جيڪا پارکو عالمن کان ڳجهي نه آهي.

”موتي مرجان“ سنڌي، سرائڪي، اردو، فارسي ۽ عربي زبان ۾ چيل شعرن جو مجموعو آهي. گويا پنج عظيم ٻولين جي خوشبودار گلن جو هڪ گلدستو، پنهنجي مهربان پڙهندڙن جي خدمت ۾ نهايت محبت ۽ احترام سان پيش ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهيان. اميد اٿم ته مهربان پڙهندڙن جي اعلىٰ ذوق ۽ ظرف پاران، منهنجي هن پرخلوص محبت جي موٽ، منهنجي اميدن کان ٻيڻي ٽيڻي هوندي. انهيءَ آتت ۽ اميد سان هِن وقت هٿ ۾ ڪنيل پاڻ ڪريمن ﷺ جن جو شان جهڙيءَ طرح قرآن

۽ احاديث شريف ۾ بيان ٿيو آهي سان گڏوگڏ شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جي چوند ڪلام جي ترجمي ۽ تشريح کي ترتيب ڏئي رهيو آهيان. دعا آهي ته خداوند ڪريم پنهنجي پياري حبيب جي صدقي مون کي توفيق عطا فرمائي ته مان پنهنجي هٿ ۾ ڪنيل هن ڪاوش کي مهربان پڙهندڙن جي تسڪين ذوق لاءِ سندن مبارڪ هٿن تائين پهچائي سگهان.

"موتي مرجان" کي پڙهندڙن آڏو پيش ڪرڻ کان اڳ نهايت معتبر برک عالمن، اديبن ۽ شاعرن جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، جناب مظهر الحق صديقي، ڊاڪٽر حبيب الله صديقي، جناب امداد حسيني ۽ جناب عنايت بلوچ جن جي حوالي ڪيو ويو ته جيئن علم و ادب ۽ شاعري جا هي پارکو هن ڪاوش کي پرکي، ان ۾ وڌيڪ نِکار آڻي، منهنجي رهبري ۽ رهنمائي سان گڏ، پنهنجي قيمتي راءِ سان به نوازي سگهن. آءٌ هنن سڀني مانائتين شخصيتن جو دل جي گهراين سان شڪرگذار آهيان، جو هننن منهنجي عرضداشت کي عزت بخشي، پنهنجي ڪرم نوازي ڪئي آهي. هن ڪتاب جي ڇپائيءَ ۾ محترم عبدالڪريم آزاد سميجو جي تعاون جو به شڪرگذار آهيان. اميد اٿم ته منهنجي هن ڪاوش کي پذيرائي نصيب ٿيندي.

**"مشتاق" سچاروي**

# پيش لفظ

’موتي مرجان‘ مشتاق سچاروي جي شاعرانہ شعور جو مجموعو آهي، بلڪ سالن جي ساروٽين جو ثمر آهي، جيڪو هاڻي ڪتاب جي صورت ۾ پڙهندڙن تائين پهتو آهي. سندس علمي، ادبي ذوق توڙي همت ۽ حوصلي جو ذڪر پنهنجي طرفان لکيل ’عرضِ حال‘ ۾ موجود آهي. سندس زندگيءَ جا پنجونجاهہ سال پين مصروفيتن سان گڏ علمي، ادبي ۽ شعر و شاعريءَ جي محفلن ۾ گذريا آهن! هن معاصرانہ دور ۾ بہ هو سنڌ جي سڄاڻ طبقي جي اديبن ۽ شاعرن مان آهي.

گذريل پنجن ڇهن سالن کان حيدرآباد ۾ جناب آفتاب علي شاهہ ڄاموٽ جي سعيي ۽ سرهاڻ سان ’انجمن آفتابِ ادب‘ ڪارفرما آهي، جنهن جو محترم غلام حسين سچاروي هڪ مانائتو ميمبر آهي. مون کي بہ انهيءَ ادبي حلقي ۾، سندس ادبي ذوق جو احساس ٿيو آهي ۽ سندس قرب گرويده ڪيو آهي.

سچاروي صاحب سچ چيو آهي تہ ’موتي مرجان‘، سنڌي، سرائيڪي، اردو، فارسي ۽ عربي زبان ۾ چيل خوشبودار گلن (شعرن) جو هڪ گلدستو آهي. سندس سنڌي ۾ چيل نعتون ۽ مناجاتون، قطعا ۽ رباعيون، غزل ۽ مدحون پختہ شاعريءَ جو ثبوت آهن. لبنان جي مجاهدن جي مدح ۾ چيائين تہ:

جڏهن خونِ شهيدان سان ٿئي ٿي خاڪ جي نسبت،
فرشتن کان متي ’مشتاق‘ رتبا خاڪسارن جا.

مگر 'موتي مرجان' ۾ گهٽي ۾ گهٽا غزل آهن، جن ۾ پڻ سچاروي جي صداقت شعاري نمايان آهي.

مٺا تنهنجا ناز و ادا پيا نرالا،
کُهي تو جيارين، جياري کُهين تو.

هو ملڪ جو سچو سپاهي آهي ۽ فوجي وردي کي ملڪ جي امانت سمجهي ٿو. سقوطِ ڍاڪا بعد ٻه سال بريلي ۽ ميرٺ جي ڪئمپن ۾ جنگي قيدي ٿي گذاريائين، جتي اردو سخن گوئي ۾ معياري مشق ڪيائين. 'يادِ وفا' ۾ جيڪي لکيائين، سو پڙهڻ وٽان آهي:

باعثِ تسکيں ہے مشتاق يہ دل کی بھڑاس،
خير ہو يادِ وفا کی جو لکھاتی ہے مجھے.

مخلص

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

علامه آءِ.آءِ قاضي چيئر
سنڌ يونيورسٽي
22 ڊسمبر 2007ع

# ٽي عطا مشتاق کي صَلِّ عليٰ جي روشني

ڪيترن ڏينهن کان عزيزي غلام حسين "مشتاق" سچاروي جي ڪلام جو مجموعو "موتي مرجان" مون وٽ آيل آهي. جنهن کي نظر مان ڪڍڻ جي باوجود، مون کي مناسب وقت نہ ملي سگهيو، جو چند لفظ لکي پنهنجي ناچيز راءِ پيش ڪري سگهان. بهرحال اڄ انهيءَ ارادي سان سندس شاعريءَ جي مجموعي کي هٿ ۾ کنيو اٿم تہ هڪ ويهڪ ۾ پنهنجي اَدنيٰ راءِ جو اظهار ڪري سگهان.

"موتي مرجان" جو جائزو مون ٻن رخن کان ڪيو آهي. هڪ طرف ڪلام يعني ان جي ترڪيبي هيئت، ٻيو مضمون جو عمومي مواد. ديوان ۾ موجود ڪافي جي صنف کان سواءِ مشتاق سچارويءَ جو باقي سمورو ڪلام، علم عروض جي ترڪيب تي ٻڌل آهي. يعني اُن عربي بحر ۽ وزن ۾ چيل آهي جنهن ۾ فارسي ۽ اردو زبان جي شاعرن پنهنجي شاعري ڪئي آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ پڻ تمام وڏي تعداد ۾ شاعرن فارسي روايتن جي اثر هيٺ علم عروض جي قاعدن پٽاندر پنهنجو ڪلام قلمبند ڪيو آهي. مشتاق سچارويءَ کي بہ اهڙن شاعرن جي صف ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو.

مشتاق سچاروي پنهنجي شاعريءَ جي ابتدا ننڍي عمر ۾ ڪئي، جنهن جي نمايان خصوصيت سندس نعتيہ شاعري هئي. جنهن ۾ هُن وڏي شهرت بہ حاصل ڪئي، پر نعتيہ شاعريءَ سان گڏ، هُن مشاعرن ۽ ٻين علمي ادبي محفلن ۾ بہ پنهنجو ڪلام

پيش ڪيو، جيڪو ان وقت جي رسالن ۽ اخبارن ۾ به ڇپبو رهيو. گردشِ ايام جي ڪري، جنهن ۾ مشرقي پاڪستان واري سانحي دوران سندس اسيري به شامل آهي، سندس ڪلام جو قيمتي سرمايو ضايع ٿي وڃڻ سبب محفوظ نه ٿي سگهيو آهي. ٻوليءَ جي لحاظ کان مشتاق سچاروي سنڌي، اردو، سرائيڪي، فارسي ۽ عربي ۾ طبع آزمائي ڪئي آهي. سندس شاعري سندس ئي لفظن ۾ ”گويا پنج عظيم ٻولين جي خوشبودار گلن جو هڪ گلدستو آهي“. صنفن جي نقطه نظر کان سندس ڪلام غزلن، قصيدن، ڪافين، نظمن (جنهن ۾ اڪثر نعتيه، حمديه، رزميه، مرثياتي نظمون شامل آهن) طويل نظمن رباعين جو خوبصورت فني مجموعو آهي.

هاڻي اچو ته سندس شاعريءَ جي ٻئي رُخ تي نظر وجهون، جو منهنجي لاءِ ڪلام جي طرز يا ترڪيبي هيئت کان وڌيڪ اهم آهي، يعني سندس شاعريءَ جي مضمون جو مواد. انهيءَ لحاظ کان مشتاق سچارويءَ جي شاعريءَ کي ٽن حصن ۾ ورهائي سگهبو:

(1) روحاني شاعري: جنهن ۾ سندس سموري حمديه، نعتيه، صوفيانه ۽ نذرانهٔ عقيدت واري شاعري آهي.

(2) تغزل: جنهن ۾ سندس عشقيه مجازي شاعري شامل آهي.

(3) ناصحانه شاعري: جيڪا معاشرتي تنقيد، عصري حالات جي شڪايت، انسان جي مٿان ظلم ۽ ڏاڍ، سماجي، انساني ۽ سياسي حقن جي تلفي ۽ ناجائز طاقت جي ظالماڻي استعمال خلاف دانهن آهي.

سندس روحاني حمديہ ۽ نعتيہ شاعريءَ جي ابتدا سندس نوعمري ۾ ٿي ۽ جلد ئي استاد شاعرن کان ميجتا حاصل ڪئي. رسول اڪرم ﷺ جي شان ۾ 1953ع ۾ سندس نعتيہ نذرانو ”برابر بشر ڪونہ ڏيندو“ بيساختہ عشقِ رسول ﷺ جي اظهار جو بهترين مثال آهي. هن نعت ۾ ”مشتاق“ ننڍي عمر جي باوجود ڪمال پختگي ۽ فني مهارت جو مظاهرو ڪيو آهي:

هي سنسار ساري جي جلوه نمائي، محمد جي هڪ وار جي روشنائي.
ستاره گياره جي ساري ضيائي، برابر هي شمس و قمر ڪونہ ڏيندو.

اهڙيءَ طرح ”صَلِّ عليٰ جي روشني“ جي ڇهن شعرن ۾ ڪيڏي سوچ جي بلندي ۽ تصور جي خوبصورتيءَ سان رسول اڪرم ﷺ جا احسان انسانيت تي بيان ڪيل آهن.

”عالمِ انسانيت جي ارتقا جي روشني،
تا قيامت مصطفيٰ ﷺ جي نقشِ پا جي روشني“

محبت ۽ عقيدت وارو ڪلام سچاروي جي دل ۽ روح جو آواز آهي، چاهي ”واهر رسول الله“ پڙهو يا ”محمد مددگار“ پڙهو، يا ”يا رسول الله رسيج“ پڙهو يا وري ”ذڪر حسين عليہ السلام“ پڙهو يا ”حڪايت حسين“ يا ”عزم حسين عليہ السلام“ يا ”شهيدِ اعظم جو شان“ پڙهو. سندس هر لفظ، هر شعر بيساختگي، برجستگي، محبت ۽ عقيدت جو پُراثر مظهر آهي. ”عزمِ حسين عليہ السلام“ هڪ اعليٰ قسم رزميہ قصيدو آهي.

معرڪهٔ حق ۾ نہ هٿيارن جي حاجت ٿي رهي،
معرڪهٔ حق ۾ نہ لشڪر جي ضرورت ٿي رهي،
معرڪهٔ حق ۾ نہ حاجت مال و دولت ٿي رهي،
معرڪهٔ حق ۾ نہ ڪنهن جو رعب و هيبت ٿي رهي،
معرڪهٔ حق ۾ ڪپي ”مشتاق“ ٿو عزمِ حسين،
معرڪهٔ حق جو نتيجو ڪربلا بدر و حُنين.

”پٽائي ڪي پيٽا“ ۾ ”نظرانہ عقيدت بارگاه قلندر لال شهباز سيوهاڻي رح“ بہ طويل نظمون ڪنهن حد تائين قصيدي جي روح ۾ لکيون ويون آهن. ”پٽائيءَ ڪي پيٽا“ ۾ چوي ٿو تہ:

پٽ ڏٺي جي آهي الفت خاص توڙي عام ۾،
ڪيئي محمود ۽ اياز آهن وڪوڙيل دام ۾،
آيتن جو عڪس آهي هوبهو پيغام ۾،
صبح واري روشني پيدا ڪئي، جنهن شام ۾،
جنهن جو هر.هڪ بيت عالَم لاءِ پيغامِ حيات،
حاضري جنهن جي ڀرن شاه و گدا ڏينهن رات.

قلندر لال شهباز کي نذرانہِ عقيدت پيش ڪندي لکي ٿو تہ:

غيرتِ يزدان جو ٿي ابرِ ڪرم،
تو ڏنو عزّت ۽ عصمت کي جنم،
بي حيائي جو ڪرائي سر قلم،
شهر سيوهڻ کي ڪيئي بيت الحرم،
تنهنجي فيضانِ نظر جي نور سان،
طائفه برتر ويون ٿي حور ڪان.

## تغزّل، عشقيہ مجازي شاعري:

مشتاق "سچاروي" جي شاعريءَ جو وڏو حصو غزل يا عشقيہ شاعري تي ٻڌل آهي. اگرچہ سندس نعتيہ شاعري بہ نهايت نفيس، بي بدل ۽ بي مثل آهي، مگر هن جي شاعري جي اصل جهلڪ سندس غزل واري شاعري ۾ موجود آهي. فني لحاظ کان بحر وزن توڙي قافيہ رديف جي پابندي سان گڏ سندس غزل ۾ رواني، سهل بياني ۽ خيال جي بلندي شامل آهن. سندس شاعريءَ ۾ جتي اردو ۽ فارسي شاعرن واريون تشبيهون ۽ استعارا ملن ٿا، اُتي سندس غزل ۾ پنهنجي ڌرتي ۽ ٻوليءَ جي مهڪ ۽ خوشبو بہ موجود آهي. سندس غزليہ شاعري ۾ مجازي عشق جي چاشني، محبوب جي محبت جو ذڪر، بيوفائي جو بيان، جدائي ۽ فراق جي جلن ۽ ملاقات ۽ ميلاپ جي تڙپ ۽ ان جي لذت جو، نهايت دلفريب انداز ۾ بيان ٿيل آهي. اُن سان گڏوگڏ هن پنهنجي آس پاس ٿيندڙ ڏاڍ، ڏکن، جبر ۽ پيڙاءَ جو ذڪر بہ نهايت خوبصورت انداز ۾ ڪيو آهي. مثال طور:

ملامت عشق وارن کي نہ ڪر اي صاحبِ تقويٰ،
جنون وارا هي تنهنجو دين ۽ ايمان ڇا ڄاڻن.

متي لا مڪان کان محبت جي منزل،
ڪڏهن رستي ۾ چنڊ تارا نہ پڇجو.

وفا جا عهد توڙي خود بخود جو خان تي ويندو،
ڏسي انجام ان جو هر بشر حيران تي ويندو.

مِلي نااهل کي مسند بپا بحران تي ويندو،
چمن چٻرن حوالي ٿيو تہ پڪ ويران تي ويندو.

ٽيون حصو سندس ڪلام جو ناصحانہ، معاشرتي تنقيد، عصري حالات جي شڪايت، ڪرندڙ قدرون، انسان جي مٿان ظلم ۽ ڏاڍ، سماجي، سياسي ۽ انساني حقن جي تلفي ۽ جابرن ۽ متڪبّرن جي هٿان طاقت جي ظالماڻي استعمال خلاف دانهن آهي. انهن موضوعن تي سندس ڪلام جو پيغام فصيح ۽ پُراثر آهي، چاهي اهو ڪلام اردو ۾ هجي يا فارسيءَ ۾ يا سنڌي ۾ يا چوسٽي، رُباعي ۽ قطعن ۾ هجي يا طويل نظمن ۾. شهيد مرتضىٰ ڀٽو جي شهادت لاءِ لکن ٿا تہ:

ماحول سڄو افسرده ٿيو، هر ماڻهو غم ۾ نڍال ڏٺم،
هر نيڻ مان جاري نير هيا، هر چهرو اداس، ملال ڏٺم،
او مرتضىٰ تنهنجي موت سبب، هر دل تي سڪتو طاري هو،
پنهنجا تہ رنا تي ريهون ڪري، پر دشمن ڀي بي حال ڏٺم.

ڪراچي ۾ 12 مئي 2007ع تي ٿيل سانحي بابت پنهنجا تاثرات پيش ڪندي چوي ٿو تہ:

ڪراچي جهڙا جيڪر واقعا ٿيندا تہ ڇا ٿيندو،
امن جي ڌرتي تي ڪرب و بلا ٿيندا تہ ڇا ٿيندو،
نمڪ جن سنڌ جو کاڌو، پڇي ٿي سنڌ اڄ تن کان،
اگر ڪشتي جا دشمن، ناکئا ٿيندا تہ ڇا ٿيندو.

ڪراچي ۾ ڏنو پيغام ڪهڙو،
ڪيو سازش سان قتلِ عام ڪهڙو،
پڇن ٿا اڄ سڄل، سامي، ڀٽائي،
محبّت جو ڏنو انعام ڪهڙو.

پنهنجي ڌرتيءَ سان بي پناھ محبت ۽ وفاداريءَ جو ثبوت ڏيندي چوي ٿو تہ:

هجي نيبھ اوهان کي ڪرسي يارو،
ڪڏهن ڌرتي سان غدّاري نہ ٿيندي،
جو دشمن سنڌ جو سو منهنجو دشمن،
اُنهيءَ سان دوستي ياري نہ ٿيندي.

صوبائي خودمختاري بابت صوبن جي حقن تي طاقتور قوتن جي بد نگاهن ۽ غلط ارادن جي عڪاسي ڪندي لکي ٿو:

اها صوبائي خود مختاري آهي،
تہ توکي مان نندو پائر ٿو سمجهان،
اسان جو گهر، تہ آهي ئي اسان جو،
اوهان جي گهر کي پنهنجو گهر ٿو سمجهان.

عدليہ جي بحران واري دور ۾ قانوندان طبقي جي جدوجهد کي اونداهي واري دور مان صبح جي روشني جو پيغام سڏيندي چوي ٿو تہ:

افق تي اڄ سحر جهڙا، عيان آثار ٿا ڏسجن،
انڌيرا ختم ٿيندا، ظلم جي سرڪار ٿا ڏسجن،
ڪفن سر سان ٻڌي، قانون دان ميدان ۾ نڪتا،
شهادت جهڙي جذبي ساڻ، سڀ سرشار ٿا ڏسجن.

”هاري جو حال“ پڻ اعلىٰ قسم جو نظم آهي، جنهن ۾ هڪ مظلوم ۽ محنت ڪش طبقي تي ظالم ۽ جابر طبقي جي جور جبر ۽ ڏاڍ جي تصوير نهايت مؤثر انداز ۾ پيش ڪئي وئي آهي:

رهي ٿو حال هاري جو، هميشہ درس عبرت جو،
ڏکن ۾ خوش گذاري ٿو، نہ خواهان عيش عشرت جو،
عتابن ۾ رهي هر وقت ٿو، هر ڪنهن حڪومت جو،
پيل آهي متس پاڇو، هميشه کان نحوست جو،
نہ پڇ لرزان زبان کان، پرزا پرزا پيرهن کان پڇ.

يا وري ”مشتاق“ جو ”مسلم قوم کي خطاب“ پڙهي ڏسو:

ديس جي خس خار کي، گلزار ڪر اي باغبان،
ملڪ مسلم تي مدامي، رشڪ بر ڪر آسمان.
رستم و دارا مثل، پيدا ڪري پير و جوان،
ديس جي نالي کي رک، دنيا ۾ زنده جاودان.
ڌرتي جي هر ذري ذري جي مٿان ”مشتاق“ تي،
قوم جي خدمت ڪري، تون حاڪمِ آفاق تي.

شهيد جمهوريت بينظير ڀٽو شهيد جي شهادت واري اندوهناڪ الميئي جي تصوير ”سنڌ جي راڻي توکي سلام“ يا ”بينظير ڀٽو شهيد جو ڪيڏارو“ يا ”شهادت جو منظر“ ۾ چڱي طرح ڏسي ۽ محسوس ڪري سگهجي ٿو:

دشمنن سامهون هُئي پهاڙ جيان سنڌ جي ڇهري تي نِراڙ جيان،
سر تا پا سنڌ جي سچي تصوير جڙ سري ۽ وچولي لاڙ جيان.

ياد تنهنجي سدا ستائيندي همٿون حوصلا وڌائيندي.
روح ڦوڪيندي نئون جيالن ۾ روشني جا ڏيا جلائيندي.

هن تفصيلي بحث کان پوءِ آءٌ اختصار سان ائين چوندس تہ غلام حسين ”مشتاق“ سڄاروي کي هن مجموعہ ڪلام کان

پوءِ لڳاتار پنهنجي شاعرانہ ذات سان پڙهندڙن کي نوازڻ گهرجي ۽ معاشري ۾ ظلم ۽ وڏندڙ ڏاڍ لاءِ آواز بلند ڪرڻ گهرجي. هونءَ تہ معاشري ۾ نيڪي، بدي، ظلم ۽ انصاف، رتوڇاڻ، امن ۽ آشتي ازل کان هلندي پئي اچي، پر شاعرن هميشہ اهڙن منفي رجحانن خلاف صدا بلند ڪئي آهي. بقولِ شاهہ لطيف:

متو آهين مچ، ٿُلها تو تونا هٽين،
تو جا پائين اچ، تنهن پاٽي پچندا ڏينهڙا.

هن وقت ظلم جي حد ٿي ويئي آهي ۽ شاعرن جي اثرائتي ڪلام جي هن کان اڳ اهڙي ضرورت محسوس نہ ٿي آهي. ان ڪري "مشتاق" لکندو رهي، ڳائيندو رهي ۽ ڏانهيندو رهي تہ ڀلو، ڇو تہ سندس شاعري هڪ طرف سنڌي ٻولي ۽ ادب ۾ اضافي جو سبب بڻبي تہ ٻئي طرف قوم لاءِ سجاڳي جو سڏ هوندي.

**مظهرالحق صديقي**

سنڌ يونيورسٽي،
ڄامشورو
16 فيبروري 2008ع

# ’موتي مرجان‘ - هڪ تجزيو

عنوان جو انتخاب اهلِ قلم جي شخصيت جي ترجماني ڪندو آهي. محترم دوست غلام حسين ”مشتاق“ سچارويءَ جي سنڌي، سرائڪي، اردو، فارسي ۽ عربي شاعريءَ جي ڪليات جو عنوان آهي ”موتي مرجان“، سو هو پاڻ به اهڙي شخصيت جو مالڪ آهي.

ڪنهن به زبان ۾ شاعري ڪرڻ لاءِ، شاعر جو انهيءَ زبان ۾ ماهر هجڻ هڪ لازمي امر آهي. صاحبِ مشتاق انگريزي زبان پڻ خوب ڄاڻي ٿو، تاهم ”زبانِ غير سے شرحِ آرزو کيا کرتے“ جي مصداق پنهنجي مادري ۽ وطني زبانن ۾ پنهنجو فڪر منظوم ڪيو اٿس ۽ خوب ڪيو اٿس. مختصر انتخاب ملاحظ ڪجي:

عقل جا رستا علحده، عشق جي منزل الگ،
مست موجن جا مزا ٻيا، لذتِ ساحل الڳ.

اي صبا وڃ تون مديني پيش ڪر مجبوريان،
ماردِيان مشتاق ڪون محبوب ديان مهجوريان.

موت منزل سے ہے منزل ڪی طرف اک راستہ
کاروانِ عشق کی، نقلِ مکانی اور ہے.

مرحبا اے مردِ حق دانائے راز اے امیر کاروانِ سوز و ساز
اے قلندر رہبرِ راہِ حیات، دادهٔ مَا را نگاہ امتیاز.

وَمَنْ يَسْعٰى بِحِصْفِ أَحْمَدَ بِوَصْفٍ
فَقُلْ هٰذَا بَعِيْدٌ عَنْ قِيَاسٍ

هن مختصر انتخاب مان شاعر جي فڪر جي منزل ۽ فن جي پختگيءَ جو اندازو ٿي سگهي ٿو. مجموعي جي مُنڍ ۾ جيڪڏهن غزلن ۽ نظمن جا عنوان، فهرست جي صورت ۾ ڏنا وڃن ته پڙهندڙن ۽ مُحققن کي پنهنجي دلچسپيءَ جا موضوع ۽ اشعار تلاش ڪرڻ ۾ آساني ٿيندي، جيتوڻيڪ ڪُليات ڪُل سوا ٻه سو صفحن ڪن تي مشتمل آهي، پر دير هضم آهي.

امير خسرو وانگرؒ، صاحبِ مشتاق به هڪ سپاهي شاعر آهي. انهيءَ وصف وارا شاعر، امامن، عالمن ۽ بزرگانِ دين جي صفن ۾، اڳي گهڻا ٿي گذريا آهن. ڪئپٽن رٽائرڊ غلام حسين سچاروي، مشرقي پاڪستان جي علحدگيءَ واري سانحي وقت، اُتي فوجي خدمات ادا ڪري رهيو هو ۽ جنگي قيدي بنايو ويو. ميرٺ جي ڪئمپ مان عيد جي ڏينهن پنهنجي ٻارن، طٰهٰ ۽ سمن جي لاءِ، منظوم عيد مبارڪ رواني ڪيائين:

اسلام کی آغوش میں پائی ہے ولادت،
دل اور نظر کو ہو عطا نورِ ہدایت،
اللہ کی درگاہ میں، ابُو کی دعا ہے،
چمکیں گے میرے نازنین، مہتاب کی صورت.

پنهنجي پياري وطن جي ياد ۾ هن مجاهد اسيريءَ ۾ هن طرح ارشاد فرمايو:

تیری خاطر قید کاٹی، درد و غم دیکھے ہزار،
تیری خاطر چھوڑ آئے، ماؤں بہنوں کا پیار،
تیری خاطر بیٹیاں، بیٹے بنائے بے قرار

تیری خاطر کٹئ سہاگن کھو گئیں اپنی بہار،
تیری خاطر سر بکف ہیں عُندلیبانِ چمن،
اے وطن، پیارے وطن، اے جانِ من جانانِ من.

وطن جي حُب ۾ شاعري ڪچي عمر ۾ اُسرنديون آهن. اسان جو شاعر مشتاق بالغ پوءِ ٿيو، شاعر پهريائين هو. سندس ”عرضِ حال“ مان سندس شاعريءَ جي سفر جو پتو پوي ٿو. اٽڪل اڌ صديءَ لاءِ شاعري سندس شخصيت جي ذهني ۽ عالمانه ڪيترن ۾ پلبي رهي آهي. سندس شعر موزون ۽ علم عروض جي اُصولن تي بَدل آهي. اسان جي عالمن مان ڪي خود ماهرِ عروض هٿا، ليڪن شاعري نه ڪيائون. مون پنهنجي اُستاد مرحوم غلام مصطفيٰ قاسمي رح کان انهيءَ جو ڪارڻ پڇيو. پاڻ فرمايائون ته ”شاعري لاءِ هڪ مخصوص مزاج گهرجي، جنهن جو مزاج شاعرانه نه آهي، سو ”علمِ عروض“ جي حصول تي اڪتفا ڪري ٿو.“

محترم غلام حسين مشتاق ، شاعرانه مزاج سان گڏ شاعريءَ جي فن ۽ فلسفانه ذهن ۾ گهڻن کان اڳيرو آهي. هن مجموعي تي تجزياتي بيان لکڻ لاءِ جڏهن مون کي اجازت ڏنائين تڏهن چيائين ته تنقيدي ۽ اصلاحي تجزيو ڪجو. فقط تعريفي بيان نه لکجو. اهو هڪ بيحد مشڪل معاملو هو. جڏهن صاحب ڪلام صاحبِ بيان کان مٿاهون هجي، تڏهن تنقيد ڪهڙي ٿيندي ۽ اصلاح ڇاجي! البت تجزئي جي جسارت ڪري سگهجي ٿي، ڇاڪاڻ ته تجزيو بهتر طالب العلمي جي لوازمات ۾ شامل آهي.

هن مجموعي ۾ شاعريءَ جي هر خاص صنف جهڙوڪ غزل، نظم، ڪافي، رباعي، مسدس ۾ طبع آزمائي ڪيل آهي. تاهم هڪ طبع زاد شاعر هجڻ سبب ”آورده“ کان ”آمد“ تي زياده

انحصار ڪيو ويو آهي. عروض جا قيد و بند فڪر جي رواني ۽ کي متاثر ڪن ٿا. سخن کي لفظ بخشيندڙ ذات باري تعاليٰ آهي.

”حڪيمي سخن بر زبان آفرين“

(سعدي رح)

سخن آفرين جي عطا ڪيل عَلَّمَهُ اَلْبَيَانُ کي انساني علم العروض جي مڪمل پابندي واري شاعري ڪرڻ جي ضرورت نه آهي. اهو شاعر قادرالڪلام آهي ۽ في البديه شعر چئي سگهي ٿو، جيڪو سخن شناس سامعين ۽ قارئين کي بيحد محظوظ ۽ متاثر ڪندڙ آهي. مولانا رومي جي قول مطابق:

”من نه دانم: فاعلاتن فاعلات،
شعر دارم، ليک، چون قند و نبات“

اهڙي شاعري کي ناشناس جي تحسين جي ضرورت نه آهي، ليڪن ڪجهه قدر شناسا جو سُڪوت، ناقدري جي برابر ٿيندو، تنهنڪري هي تجزيو ڪري، مشتاق سائين جي مجموعي ۽ ڪلام ’موتي مرجان‘ کي تحسين پيش ڪريان ٿو.

”حُسن پرستي عين عبادت، عاشق عابد هڪ،
خال انهيءَ ۾ ڪل نمازون، پاڇن لڙيون هونديون.“

بيت العزت -27
سنڌ يونيورسٽي هائوسنگ سوسائٽي،
ڄامشورو
عيدالاضحيٰ 1428هجري
21 ڊسمبر 2007 ع

ڊاڪٽر حبيب الله صديقي

# منهنجي نظر ۾

سائين غلام حسين "مشتاق" سچاروي پنجاهه سالن کان به وڌيڪ عرصي کان شاعريءَ جي ميدان ۾ پنهنجي مستند حيثيت مڃرائي چڪو آهي. لڳ ڀڳ اوترو ئي يا ڪجهه گهٽ عرصي کان مون به شاعريءَ ۾ پير پاتو. تنهنڪري سندس شاعريءَ کي مختلف رسالن ۽ مئگزينن ۾ پڙهندو رهندو آهيان، خاص طرح تہ ماهي مهراڻ ۽ نئين زندگي ۾ سندس ڪلام ڪجهه سال اڳ تائين ڇپجندو رهيو آهي. پر سندس شاعريءَ کي روبرو ٻڌڻ جو شرف فقط تڏهن مليو، جڏهن تي چار سال اڳ سيد آفتاب علي شاهه ڄاموٽ صاحب پنهنجي گهر تي قربن ڀريون ڪچهريون قائم ڪيون، جن کي اڳتي هلي "بزمِ آفتاب ادب" جو نالو ڏنو ويو. محفل جي مورن جي اهڙين ڪچهرين جو فائدو اهو ٿيو جو اديبن، شاعرن، ڏاهن ۽ ساڃاهه وندن آزادانه ۽ دوستيءَ واري ماحول ۾ رهاڻيون رچايون، جنهن ۾ شاعريءَ جون بيشڪون به متيون، جتي هڪ ٻئي کي ٻڌوسين ۽ دل کولي داد ڏنوسين.

'موتي مرجان' جي مطالعي کان پوءِ معلوم ٿيو تہ 'مشتاق' صاحب هن دور جو هڪ باڪمال شاعر آهي ۽ سندس ڪلام ۾ شاعريءَ جي پختگيءَ سان گڏ خيالن جو وهڪرو، دل جي جذبن جي رواني، عشق جي اڌمن، اُمنگن ۽ ارمانن جي اُپٽار تمام خوبصورتيءَ سان ڪيل آهي. ساڳي وقت سندس شاعريءَ مان اها پروڙ به پوي ٿي تہ هو آقاءِ نامدار، ٻنهي جهانن جي سرواڻ ۽ سردار حضرت محمد مصطفيٰ (صلي الله عليه وآله وسلم) جن جو هڪ سچو عاشق آهي. توڙي جو سندس غزلن جي غنچي جي

خوشبوءِ بہ دل ۽ دماغ ۾ سُرهاڻ اوتي ٿي ڇڏي، پر منهنجي خيال ۾ سندس نعتيہ ڪلام کي ئي جيڪڏهن سندس بهترين شاعري چئجي تہ ان ۾ ڪو بہ وڌاءُ ڪونہ ٿيندو. مثال طور:

بشر جي خيالن ڏيانن کان ٻاهر،
ثنا مصطفىٰ جي بيانن کان ٻاهر.
نہ معلوم حد ابتدا انتها جي،
مقامِ نبي لا مڪانن کان ٻاهر.

يا:

سبحان الله نصيبن ۾ مديني جو سفر آهي،
اهو ئي روضہءِ اطهر، اهو دلبر جو در آهي.
ڪليل رحمت ۽ بخشش جا رهن ٿا در مديني ۾،
خدا ڄڻ پنهنجي ٻانهي جي دعا جو منتظر آهي.

مشتاق صاحب نظم توڙي غزل لکڻ ۾ بہ نہ رڳو پنهنجو پاڻ ملهايو آهي، پر سچ پڇ تہ ڪيترن ئي مڃيل غزل گو شاعرن کان بہ گوءِ ڪٽي ويو آهي. سندس غزلن ۾ پيار جي پالوٽ، چاهت جون چاشنيون ۽ محبت جون موجون موجزن آهن. سندس ڪلام عشق جي مهميزن، اُڌمن ۽ ارمانن جي ڀرپور مشاهداتي شاعريءَ جو سرچشمو آهي. غزلن مان ڪجھ چونڊ شعر هتي پيش ڪجن ٿا:

حقيقت عشق جي ڪنهن برھ جي بيمار کان پڇجو،
پتو پنڌ پيار جو ڪنهن پرت جي پينار کان پڇجو.

يا: عقل جا رستا الڳ ۽ عشق جي منزل الڳ،
مست موجن جا مزا ٻيا، لذتِ ساحل الڳ.
رند ۽ زاهد رهي سگهندا نہ هڪڙي راڄ ۾،
همنوا هن جا الڳ، ”مشتاق“ جي محفل الڳ.

يا: دمادم مست چئي. ”مشتاق“ مقتل ڏي روانو ٿي،
رڪاوٽ دور ٿي ويندي، سفر آسان ٿي ويندو.

يا: آزمائيندين اجا ”مشتاق“ کي تون ڪيترو،
پل ڏِگهي هي قهر واري رات ڪاري ڪر سڄڻ.

سنڌي شاعريءَ کان سواءِ مشتاق صاحب سرائڪي ۽ فارسي ۾ پڻ ٻہ چار شيون لکيون آهن ۽ عربي ۾ پڻ هڪ نظم تي طبع آزمائي ڪئي اٿن. البت اردو ۾ تمام خوبصورت نظم ۽ غزل ڪتاب ۾ موجود آهن، جيڪي نہ رڳو معياري آهن، پر اُهي اردوءَ جي استاد شاعرن جي صف ۾ بہ شمار ڪري سگهجن ٿا ۽ ڪي تہ اُنهن کان اڳيرا بہ آهن. ڪجھ انتخاب هتي پيش ڪجي ٿو:

دل کی ہر دھڑکن تیرے نزدیک لاتی ہے مجھے.
ہر گھڑی رہ رہ کے تیری یاد آتی ہے مجھے.

موت. منزل سے ہے منزل کی طرف اک راستہ.
کاروانِ عشق کی نقلِ مکانی اور ہے.

ڪالاباغ تي لکيل هڪ غزل نما نظم جا شعر بيحد خوبصورت آهن:

نمک کی کان ہوگی، سندھ کی جنت نما دھرتی،
اگر ہوتا ہے کالاباغ میں مہران کا سودا.

شہنشاہی کی لالچ میں یا قید و بند کے ڈر سے،
کبھی کرتے نہیں مردِ خدا ایمان کا سودا.

مون کي يقين آهي ته ’موتي مرجان‘ کي سنڌ توڙي پاڪستان جي ادبي ۽ علمي حلقن ۾ چاهه سان پڙهيو ويندو ۽ سنڌس شاعري مقبوليت جو اوترو ئي حق ماڻيندي، جنهن جي هو بجا طور تي حقدار آهي.

جنوري 1، 2008ع

**عنايت بلوچ**
حيدرآباد

# ”مشتاق“ جي محفل الڳ

عقل جا رستا علحده، عشق جي منزل الڳ،
مست موجن جا مزا ٻيا، لذتِ ساحل الڳ.

جيئن شاعر کي رڳو شاعري ڪرڻي نہ آهي، (جڏهن تہ هن کي رڳو شاعري ئي ڪرڻ گهرجي، جيڪڏهن هو واقعي شاعر آهي تہ!)، پر هن کي ٻيا ڪم بہ ڪرڻا پوندا آهن. انهن مان ڪي ڪم تہ شاعريءَ جي حوالي سان آهن، جيئن مشاهدو، مطالعو، پر ان سان گڏ پنهنجي ۽ ٻچن جي پيٽ گذران لاءِ هن کي ڪو ڌنڌو ڌاڙي، نوڪري بہ ڪرڻي پوي ٿي. اتان بہ هو ماڻهن، سماج، فطرت جو مطالعو ۽مشاهدو ڪري ٿو ۽ ڪيترن تجرباتي مرحلن مان گذري ٿو ۽ اُن جو اولڙو هن جي شاعريءَ ۾ نظر اچي ٿو. بلڪل ائين شاعريءَ جي ٻڌندڙ ۽پڙهندڙ ۽ ان تي لکندڙ کي پڻ ٻيا ڪم هوندا آهن. پر جيئن تہ هڪ شاعر جو بنيادي ڪم وري بہ شاعري، تخليق آهي، ان ڪري ڪيس ان تي وڌيڪ ڌيان ڏيڻ جڳائي. ساڳئي وقت اُن شاعريءَ جي ٻڌندڙ، پڙهندڙ ۽ ان تي لکندڙ کي بہ پوري سچائيءَ، ايمانداريءَ ۽ ڌيان کان ڪم وٺڻ جڳائي. منهنجي راءِ ۾ مشتاق سچارويءَ پنهنجي ذميواري سهڻي نموني نڀائي آهي.

راهزن آيا ڍڪي اڄ راهبر وارو لباس،
ملڪ جا محسن الڳ ۽ قوم جا قاتل الڳ.

مشتاق سچارويءَ جي شعري مجموعي ’موتي مرجان‘ جو ڪمپوز ٿيل مواد منهنجي آڏو آهي. ان ۾ سنڌي، سرائڪي،

اردو، فارسي ۽ عربي ٻولين ۾ ڪلام آهي. مشتاق سچارويءَ ننڍي ڄمار کان ئي شاعري شروع ڪئي.

”پندرهن کن سالن جو هوس ته مولود شريف، حمد ۽ نعتون لکڻ جي نعمت نصيب ٿي“. (عرض حال)

ڀهرين ٽِڪي کير پريءَ وانگي مشتاق سچارويءَ جي شاعريءَ جي شروعات مولود شريف، حمد ۽ نعت جهڙين صنفن سان ٿي. اهي ڏاڍيون نازڪ صنفون آهن. انهن لاءِ شاعريءَ جا ٻيا لوازمات ته لازمي آهن ئي، پر انهن لاءِ روح جي پاڪيزگي به لازمي آهي.

قربان تنهنجي نانءَ تان، جن و ملڪ حور و پري،
شيدا پکي آهن هوا ۾ ۽ مڇي جر ۾ چري.

پر اهڙيون صنفون، مولود، حمد، نعت، مرثيي، منقبت، صفت، ثنا لاءِ ڏٽي سائينءَ ۽ پاڻ سڳورن جي ٻاجھ سٻاجھ کان سواءِ تخليق نه ٿيون ٿين. جيئن مشتاق ”عرضِ حال“ ۾ پاڻ ئي لکي ٿو ته:

”قلندر شهباز تي لکيل 18 مصرن تي مسدس عقيدت نامو به درگاهه پرسان ننڍڙي مسجد ۾ ٻه رڪعت نفل پڙهي، دعا گهري صبح جو شروع ٿيندڙ 712هين عرس نومبر 1965ع ۾ ٿيندڙ ادبي ڪانفرنس کان تورو اڳ ٻنٽن ڪلاڪن اندر لکجي ويو. شعر لکڻ جي اهڙي واردات صرف الله جي ڪرم سان ٿيندي رهي آهي.“

شاعريءَ ۾ سهڻو اضافو آهن.

هن مجموعي 'موتي مرجان' ۾ حمد، نعت، غزل، نظم، چوسٽا، ڪافين جون صنفون آهن. ”قانون دان ميدان ۾“، ”شهيد وفا مرتضيٰ“، ”مارئيءَ جي آه زاري“، ”هاريءَ جو حال“ ۽ ٻيا ڪيترائي نظم آهن، جيڪي اسان جو ڌيان ڇڪائين ٿا ۽ جن تي الڳ سان لکڻ جي ضرورت آهي. انهن ۾ بيباڪي ۽ بغاوت جو عنصر موجود آهي. ساڳي ڳالهه چوسٽن بابت به چئي سگهجي ٿي.

پري کان وڏا ماڻهو ڏسجن ٿا ليڪن،
جي ويجهو وڃو ڏاڍا ننڍڙا لڳن ٿا،
مگر ڪيترا ننڍڙا ماڻهو پري کان،
جي ويجهو اچن ٿا ته وڏڙا لڳن ٿا.

★ ★ ★

اها صوبائي خودمختياري آهي،
ته توکي مان ننڍو ڀائر تو سمجهان،
اسان جو گهر ته آهي ئي اسان جو،
اوهان جو گهر به پنهنجو گهر تو سمجهان!

يا ”ڪامياب سياستدان“ وارو چوسٽو، جيڪو ماضيءَ توڙي حال تي نهڪي تو اچي. يا ”وقت جو شيطان“ وارو چوسٽو.
جيڪا ڳالهه سنجيدگيءَ سان چوڻ ڏکي لڳندي آهي، ان کي مزاح (طنز) ۾ چوڻ سولو هوندو آهي. ”وقت آيو آ...“ ۾ اهڙيون ئي ڳالهيون چيل آهن.

چوي مرشد خليفي کي، حقي کي جلد ناهي اچ،
تماڪ ۽ چرس گانجي جي چڪڻ جو وقت آيو آ.

سنڌي سماج جي رڳن ۾ پيري مريديءَ وارو جيڪو زهر انجيڪٽ ڪيو ويو آهي، اُن تي هن ڪان وڌيڪ طنز ڪهڙو ٿي سگهي ٿو؟ سو به ٻن سٽن ۾!

ڏئي جي ڏن نه ڏهه رپيا ته مرشد جوش مان چوندو،
وٺي ۽ ديگڙي گروي رکڻ جو وقت آيو آ.

’موتي مرجان‘ ۾ مشتاق سچارويءَ جو اردو ڪلام به آهي. ان ۾ به هن سنڌي لهجو ورتايو آهي. ائين ڇاڻي ٿيو آهي الاءِ اَجاڻي! بهرحال اهو فطري لڳي ٿو. اڄ جڏهن ڪيترا نالي چڙهيا شاعر سنڌي شاعريءَ ۾ اردو لهجو ورتائي رهيا آهن ۽ تذڪير تانيث جو وٿن فرق نه رهيو آهي ۽ هو غزل ۽ نظم کي به مونث ڪتب آڻي رهيا آهن، تڏهن مشتاق سچاروي اردوءَ ۾ غزل کي مذڪر ڪتب آڻي ٿو.

تمہیں جب دیکھتا ہوں تو غزل کہنا ہی پڑتا ہے،
تڑپتے دل کو کچھ آرام تو دینا ہی پڑتا ہے.

سو انهيءَ مطلع ۾، شاعريءَ جي مفهوم جي به تشريح ٿي وئي آهي. غزل ڇئي تڙپندڙ دل کي ڪجهه آرام ڏيڻ ۽ ”اهوئي آرام“ بلڪ ”ڪجهه آرام“ شاعري پنهنجي پڙهندڙ، ٻڌندڙ کي به ڏئي ٿي (يا اُن کي ڏيڻ کپي!) پر مون ڳالهه پئي ڪئي سنڌي لهجي جي، سو به اردو شاعريءَ ۾! جڏهن اسان جا اردو ڳالهائيندڙ

دوست سنڌيءَ ۾ شاعري ڪن ٿا، تڏهن سندن شاعريءَ ۾ به اردو لهجو اچي وڃي ٿو، جيئن ساڪن، متحرڪ وارو مسئلو.

"ڪوَلَ ڦي نوَلي" هن مجموعي 'موتي مرجان' جو هڪ اهم نظم آهي. اهو نظم 12 مئي 2007ع واري واقعي تي لکيو ويو آهي پر ان جو ڪئنواس، پسمنظر، پيشمنظر ڏاڍو وسيع آهي. ڪربلا کان وٺي 12 مئي 2007ع، 18 آڪٽوبر 2007ع، 27 ڊسمبر 2007ع جي سانحي محترمہ بينظير ڀٽو جي شهادت تائين ان جو ڦهلاءُ آهي.

'موتي مرجان' ۾ غزلن جو به چڱو تعداد آهي:

سچڻ دل منهنجي چيري پاڻ پڙهہ تون داستان دل جا،
اکر ڪهڙي طرح سان تي سگهن ٿا ترجمان دل جا.

يقينن اکر، لفظ، شبد اسان جي جذبن ۽ احساسن جي ترجماني ڪرڻ ۾ ايترا ڪامياب نٿا ٿي سگهن، ان لاءِ شاعر کي لفظن کي نئين معنيٰ ڏيڻي پوي ٿي. نوان لفظ گهڙڻا پون ٿا. وساريل، متروڪ ڪيل لفظن کي اُجاري رائج ڪرڻو پوي ٿو ۽ ان ڏس ۾ ٻوليءَ جي وسيع ڄاڻ ضروري آهي ۽ پوءِ شاعر انهن ئي لفظن جا موتي پوئي شاعريءَ جي صورت ۾ اسان جي آڏو پيش ڪري ٿو، جيڪي "حال حبيبان، سو ئي پيش پريان" وانگر ۽ اهڙي ئي شاعري نہ رڳو شاعر جي دل جي ترجمان بڻجي ٿي، بلڪ اسان جي دل جي پڻ ترجمان بڻجي ٿي. توڙي جو اهو اسين به ڄاڻون ٿا تہ:

زبان دل جا سمورا درد و غم اوري سگهي مشڪل،
سخن جي ساهمي خونِ جگر توري سگهي مشڪل!

۽ شاعر اکين جي شمع ٻاري، جگر جي خون ۾ قلم ٻوڙي شاعري ڪري ٿو ۽ اچي پني تي جذبن ۽ احساسن جي روشني ۽ رنگ پکيڙي ٿو ۽ تي ايس ايليٽ جي لفظن ۾ ”پنهنجي ٻوليءَ جي بچاءَ ۽ ڦهلاءَ“ جي ڏس ۾ پنهنجو فرض ادا ڪري ٿو. ۽ اسان کي پڪ آهي تہ مشتاق سچاروي پنهنجو اهو منصبي فرض ادا ڪندو رهندو ۽ ان عشق جي اڻ کٽ سفر ۾ وير بہ ويساند نہ ويهندو.

سفر عشق جي ۾ سهارا نہ پڇجو،
محبت جا ڪنڌي، ڪنارا نہ پڇجو.

**امداد حسيني**
ڄامشورو، سنڌ

5 ڊسمبر 2007ع

# حمد باري تعاليٰ جَلَّ جَلالُه

خدايا تنهنجي قدرت تي نمايان چنڊ تارن ۾،
زمين جي ذرّي ذرّي ڪوهسارن آبشارن ۾.

ڪکر جو قطرو قطرو آهي شاهد تنهنجي حڪمت جو،
پکي تنهنجي لنون تا لات پيا پنهنجن پڪارن ۾.

چمن جي ٽاري ٽاري برگ و گل تسبيح تنهنجي ۾،
نظر تنهنجو اچي ٿو نور، نرگس جي نظارن ۾.

سمندر جون مڇيون، دريا جون موجون، ريت جا ذرڙا،
جهنگل جا جيت جڻيا، حمد ڳائن ٿا هزارن ۾.

خرد ۽ هوش کان ٻاهر، نرالا رنگ رب تنهنجا،
سياري اونهاري ۾، خزان توڙي بهارن ۾.

هوا جا جهوٽا، قطرا ماڪ جا، سج چنڊ جا ڪرڻا،
ڏين ٿا ڏس پتو تنهنجو اشارن ئي اشارن ۾.

پهڻ جي پيٽ ۾ ڪيڙي کي پيو روزي رسائين ٿو،
سبحان الله جا آهن ورد جاري جاندارن ۾.

ڏکن ۾ تون سکن ۾ تون، دعا پڻ تون دوا پڻ تون،
سدا ”مشتاق“ جي اميد توڙي انتظارن ۾.

★ ★ ★

# خداوند سائين (دعا)

سپاجها سگهورا سهارا سدائين،
خداوند سائين خداوند سائين.
اسان کي سڌي راهه رهبر هلائين،
خداوند سائين خداوند سائين.

اسان تنهنجا عابد، تون معبود آهين،
اسان تنهنجا ساجد، تون مسجود آهين.
اسان تنهنجا حامد، تون محمود آهين،
ڪروڙين ڪرم جا ڪکر شل وسائين.

شريعت طريقت هلائج اسان کي،
حقيقت هدايت پسائج اسان کي.
مزو معرفت جو ونائج اسان کي،
نظر رحم جي سان نوازي نپائين.

سوا تنهنجي ناهي ڪو واهر وسيلو،
هميشه گهرون توکان حاجات حيلو.
عطا ذات پنهنجي جو ڪر محب ميلو،
تون هيڻن ضعيفن جو همراهه آهين.

سدا تنهنجي سبحان ساراهه ڪيون ٿا،
سچي دل سان حمد و ثنا سڀ چئون ٿا.
ٻڌي هٿ ادب جا دعائون پنون ٿا،
تون "مشتاق" جون شل مرادون پڄائين.
خداوند سائين
خداوند سائين

1956ع

# ثنا سرڪار دوعالم ﷺ

ثنا سرڪار جي قرآن ۾ ڪئي ڏس خدا ڪهڙي،
پلي ٿيندي پلا هن ڪان اچا حمد و ثنا ڪهڙي.

نبي جو مرتبو اعلیٰ، فقط الله تو ڄاڻي،
ڪندي مخلوق ويچاري ثنائے مصطفیٰ ڪهڙي.

مقامِ مصطفیٰ جي ابتدا جي ڄاڻ ڪجهه ناهي،
نہ آهي ابتدا جي سڌ، تہ ٿيندي انتها ڪهڙي.

خدا توڙي فرشتا موڪلن هردم درود ان تي
خدا ڪئي مرحبا اهڙي، ڪيان مان مرحبا ڪهڙي.

سمندر دريا بادل ۽ ڏنيون ڏورا نہ قطري مٽ،
ڪئي عالم ڏٺي عالم اتي رحمت عطا ڪهڙي.

فرشتا پي، ادب سان تا پڙهن آهستي صلواتون،
ٿي عرش و ڪرسي ڪان نازڪ مديني جي فضا ڪهڙي.

نبي جي رحمتن جو آهي جلوو هر طرف جاري،
نہ آهي جنهن ۾ شامل تنهن جي رحمت سا دعا ڪهڙي.

ثناگر تنهنجو آهيان هن اچي ڏاڙهيءَ جي لڄ رکجانءِ،
سياه رو ڪهڙي مُنهن سان پي دعا گهرندو پلا ڪهڙي.

پرين جي پاڪ پيراندي ۾ بيهي حال دل اوريان،
متي هِن ڪان پلا "مشتاق" ٿيندي مدّعا ڪهڙي.

★ ★ ★

# نعت النبي ﷺ

بشر جي خيالن ڏيانن کان ٻاهر،
ثنا مصطفیٰ جي بيانن کان ٻاهر.

نہ معلوم حد ابتدا انتها جي،
مقامِ نبي لا مڪانن کان ٻاهر.

احد سانڱ احمد جو رشتو عجب آ،
زمين آسمان جي نظامن کان ٻاهر.

رڳو ناهہ قرآن توريت انجيل،
ثنا تي صحيفن ڪتابن کان ٻاهر.

وڃن پر سڙي جت تا جبريل جا،
ٿيو نور نبوي حجابن کان ٻاهر.

ملاقات محبوب آقا جي اهڙي،
خرد هوش خواب و خيالن کان ٻاهر.

ٿيو قاب قوسين ۾ قرب کهڙو،
هتان جي سوالن جوابن کان ٻاهر.

حبيبِ خدا عَبدُہٗ جي لقب سان،
زماني جي اعلیٰ خطابن کان ٻاهر.

ڪئي ساري انسانيت سان محبت،
چڱائي تي پنهنجن پراون کان ٻاهر.

پٽر پي سهي تو دعا پي ڪري تو،
هي "مشتاق" وهم و گمانن کان ٻاهر.

★ ★ ★

# نعت

قربان تنهنجي نانءَ تان جنّ و ملڪ حور و پري،
شيدا پکي آهن هوا ۾ ۽ مڇي جر ۾ چري.

توريت ۽ زبّور ۽ انجيل تي باطل ويا،
قرآن آئي محو تي ملت پيا پيغمبري.

سدره اتي رهبر رهي، هي التجا ڪئي احمدا،
منهنجا سڙن سڀ پر سڄڻ، جي وک وڌايان هڪ ذري.

معراج يونس جو مڇي ۾، وڻ ۾ زڪريا ڪيو،
پر عرش اعظم تي عجب ٿيو، سير تنهنجو سروري.

جنهن ذاتِ اقدس کي ڏسڻ، اکڙين سان ممڪن ناهي پر
سا يار جي چشمن ۾ چمڪي، ذاتِ ربّي ظاهري.

سلطان اعظم تاجور، زردار عالي مرتبت،
تنهنجا سلامي سيّدا، ڪن تنهنجي در جي نوڪري.

محبوب جي هڪ وار جي ويهين پتي جي لاٽ سان،
مدهوش موسىٰ ٿي ويو، پيو طور جو ڏونگر ڏري.

يا سيّدي تنهنجو سلامي، آهي لاغر روز شب،
”مشتاق“ تي پنهنجو ڪرم ڪر، باطني ۽ ظاهري.

1955ع

★ ★ ★

# نعت

دوست جي ديدار رِيءَ دل کي ڪا مسروري نہ ٿي،
محب جي ميلاپ رِيءَ امّيد مون پوري نہ ٿي.

لک ڪيا سجدا ها آدم، پر خدا راضي نہ ٿيو،
معرفت احمد سوا، آدم تي مغفوري نہ ٿي.

رحمتِ عالم جي رحمت، ٿي خليل الله تي،
نار ٿي گلزار پئي، پر باھ جي ڪوري نہ ٿي.

ٿي عنايت جي نظر، جيئن نوح جي ٻيڙي مٿان،
هِنِ وڏي طوفان ۾، هُن کي ڪا مجبوري نہ ٿي.

زندگي ۾ رک سچي الفت رسول الله سان،
ان سوا "مشتاق" دل کي ڪابہ منظوري نہ ٿي.

1956ع

★ ★ ★

# سلام بر سيد الانبياءِ ﷺ

السلام اي شاهِ شاهان السلام　　السلام اي جانِ جانان السلام
السلام اي رهبرِ رشد و هدىٰ　　السلام اي گنج عرفان السلام
السلام اي منبعِ جود و سخا　　السلام اي ابرِ باران السلام
السلام اي رونقِ ارض و سمأ　　السلام اي مهر تابان السلام
السلام اي زيب بزمِ انبيا　　السلام اي فخر انسان السلام
السلام اي بحرِ بي پايان فيض　　السلام اي نورِ ايمان السلام
السلام اي پيكرِ علم و عمل　　السلام اي روح قرآن السلام
السلام اي سيّدِ كون و مكان　　السلام اي نورِ يزدان السلام
السلام اي شافعِ روزِ جزا　　السلام اي رازِ رحمان السلام
السلام اي مايهءِ "مشتاق" دل　　السلام اي راحتِ جان السلام

★ ★ ★

# مديني جو سفر

سبحان الله نصيبن ۾ مديني جو سفر آهي،
اهوئي روضهء اطهر، اهو دلبر جو در آهي.

جهلي روضي جي ڄاري عاشقو ڳيرانٽڙيون پايو،
هِتي رحمت جو دروازو، هتي بخشش جو گهر آهي.

اکيون پُرنم، زبان خاموش، دل اڏما پئي ڪائي،
نبيﷺ جي نور سان پرنُور گنبد تي نظر آهي.

فرشتن کي اجازت ناهه جو گنبد متان گذرن،
خُدا جي ۽ هي محبوبِ خدا جي رهگذر آهي.

مديني جي گلين جو مرتبو الله تو ڄاڻي،
هتي هر ڏينهن يومِ عيد، هر شب شبقدر آهي.

ڪليل رحمت ۽ بخشش جا رهن ٿا در مديني ۾،
خدا ڄڻ پنهنجي ٻانهي جي دُعا جو منتظر آهي.

هو آهي رحمةٌ لِلعالمين رحمت وندي وينو،
اُنهيء جي آسري ارض و سما ۽ بحر و بر آهي.

رَسي ملّت جو ويندو ڪاروان "مشتاق" منزل تي،
اسان جو اهڙو هادي رهنما ۽ راهبر آهي.

★ ★ ★

# ميلاد النبي ﷺ

سيّد الڪونين فخر الانبياءِ پيدا ٿيو،
مرسلن جو موڙ، محبوبِ خدا پيدا ٿيو.

زيب بزمِ انبيا نورِ خدا پيدا ٿيو،
حسنِ حق جي ابتدا ۽ انتها پيدا ٿيو.

ابن مريمؑ جي بشارت يا تمناءِ ڪليم،
يا خليل الله جي دل جي دعا پيدا ٿيو.

آيو سايي ڪان سوا دنيا جو ٻڌجي سائبان،
پرجهلو بيڪس جو همدم همنوا پيدا ٿيو.

جنهن پڙهايو حرّيت جو ساري دنيا کي سبق،
سو نبي اُمّي محمد مصطفىٰ پيدا ٿيو.

زندگي جا روز شب آياتِ قرآني مثال
جڻ بشر جي ويس ۾ نورِ خدا پيدا ٿيو.

جنهن جو همسر ناهه ڪو سيرت ۽ صورت ۾ ڪڏهن،
بي مثل خيرالبشر، خيرالورىٰ پيدا ٿيو.

جنهن جي آمد جو هيو جڳ ۾ ازل کان انتظار،
فخرِ آدم، رونقِ ارض و سما پيدا ٿيو.

جنهن جي آگر جي اشاري سان ٿيو شقّ القمر،
دستِ قدرت جي، قضا توڙي رضا پيدا ٿيو.

دور ٿيا هيڻن ضعيفن ۽ گنهگارن جا غم،
مرحبا ”مشتاق“ من جي مدّعا پيدا ٿيو.

★ ★ ★

# سگھو رس رسولِ خدا ﷺ....!

يا عربي، اُمي، ابطحي، احمدا، سگھو رس رسولِ خدا هاشمي.
يا مدني مڪي مصطفىٰ مجتبىٰ سگھو رس رسولِ خدا هاشمي.

چوان اَغثِنيَ اَعثِنيَ يا رسول، جهلي دامنِ پاڪ آلِ بتول
اگھايو مون عاجز سَندي التجا سگھو رس رسولِ خدا هاشمي.

ڪٿي نينڻ نوري نهاريو ذرا، اچي حال اُمّت سڌاريو ذرا.
تيو سڏ ۾ ساڻي سچا سيّدا، سگھو رس رسولِ خدا هاشمي.

گناهن ۾ منهنجو تو بيڙو ٻُڏي، ادب جا ٻَڌي هٿ تو سائل سڏي.
ڪُنن مان ڪڍي بيڙو منزل رسا، سگھو رس رسولِ خدا هاشمي.

ڪيو آهي عيبن اگھاڙو عليل، نہ ڪوئي مددگار والي وڪيل.
اَجهو تي اسان جو، اڙين جا اَجها، سگھو رس رسولِ خدا هاشمي.

تي سنّت سڀوري ڪان دوري گھٽي، تڪبّر وڏائي وئي آ وٺي.
ڪيو رهبري راهبر رهنما، سگھو رس رسولِ خدا هاشمي.

عمر پر نہ نيڪي ڪئي مون ذرو، عبادت رياضت ڪان آهي ٻرو.
طفيلي خدا خالقِ ڪبريا، سگھو رس رسولِ خدا هاشمي.

سڏي روز شب توکي عاجز پيو، ضعيفن جا همراهہ حامي تيو.
شفاعت ڪريو شال روزِ جزا، سگھو رس رسولِ خدا هاشمي.

ڪري ٻانهڙي تي ڪرم جي نظر، خطادار جي سڀ خطا معاف ڪر.
مون ”مشتاق“ کي ڪر ملاقي منا، سگھو رس رسولِ خدا هاشمي.

1956ع

★ ★ ★

# صَلِّ عليٰ جي روشني

عالمِ انسانيت جي ارتقا جي روشني،
تا قيامت مصطفیٰ جي نقشِ پا جي روشني.

ذبحِ اِسماعيل کان قتلِ حسين جو سلسلو،
راهِ حق ۾ آهي تسليم و رضا جي روشني.

فتح و نصرت جي بشارت آهي من ۾ موجزن،
دل ۾ آ بدر و حُنين و ڪربلا جي روشني.

بي زبانن جي زبان، بي واهه بيڪس جو اجهو،
هر بشر جي رهبري رشد و هدا جي روشني.

علم ۽ تهذيب جا مينار اڏجن تا اُتي،
تي رسي جنهن جاءِ تي غارِ حرا جي روشني.

مشڪلاتون حل ٿين پوري ٿئي ٿي هر مراد،
ٿي عطا "مشتاق" کي صَلِّ عليٰ جي روشني.

★ ★ ★

# برابر بشر ڪونہ ٿيندو

جبل سان متو جو هٽين تو هنيلا،
محمد جو ثاني بشر ڪونہ ٿيندو،

ڪروڙين تون رنگين پٿر پسين پر،
ڪو هيري جو همسر حجر ڪونہ ٿيندو.

هي سنسار ساري جي جلوه نمائي،
محمد جي هڪ وار جي روشنائي.

ستاره گياره جي ساري ضيائي،
برابر هي شمس و قمر ڪونہ ٿيندو.

خدا خود ڪئي وصف واڪاڻ اهڙي،
نڪي چوڏهين چنڊ چانداڻ اهڙي.

گلن ۾ نہ خوشبو ۽ سرهاڻ اهڙي،
ڪرم وارو اهڙو ڪڪر ڪونہ ٿيندو.

لبن جي نہ لالائي لعل و گهر ۾،
دهن جي نہ شيريني شير و شڪر ۾.

نہ رخسار جي سونهن شمس و قمر ۾،
برابر ڪوئي ڪنهن بہ پر ڪونہ ٿيندو.

لڪين لعل ياقوت هيرا جواهر،
۽ مرجان موتي منوّر سراسر.

جي دندان دلبر ٽئي هوند ظاهر،
تہ ڪنهن جو بہ ڪنهن جا قدر ڪونہ ٿيندو.

گهٽا چاشني وارا سرڪا چکين ٿو،
مکڻ ماکي مصري جي لذت وٺين ٿو،

حبيبن جي لب تان جي سرڪي پرين ٿو،
تہ مٺ ان جي شهد و شڪر ڪونہ ٿيندو.

تون سلطان سرتاج سردار آهين،
ولايت جو والي ۽ سالار آهين.

جي نوڪر نبي جو تون حبدار ناهين،
تہ تو جهڙو ڪو بي بصر ڪونہ ٿيندو.

ڪٽي ڪيترو پيو خطادار آهين،
گناهن ۾ شب روز سرشار آهين،

جي عربي نبي جو طلبگار آهين،
تہ توتي عذابِ سقر ڪونہ ٿيندو.

جو ”عاشق“ اماڻي صلواة و سلام،
وٺن ان جا سجدا، قعود و قيام،

هي ”مشتاق“ هردم رهي خوش خرام،
عذابن جو ان تي اثر ڪونہ ٿيندو.

(10 مارچ 1953ع)

★ ★ ★

# مصطفيٰ ﷺ جو شان

ساري عالم کان نيارو مصطفيٰ جو شان آهه،
سڀ کان مولا کي پيارو مصطفيٰ جو شان آهه.

ويو جتيءَ سان عرش تي معراج جسماني ٿيو،
ٿيو نگاهن سان نظارو، مصطفيٰ جو شان آهه.

جسم نوري عرش تي پهچي سراپا نور ٿيو،
قاب قوسين قرب وارو، مصطفيٰ جو شان آهه.

ٿيون بدر ۾ پٿريون تلوار تيرن کان تکيون،
چنڊ کي آڱر اشارو، مصطفيٰ جو شان آهه.

دشمنن جي، فتح مکه وقت، بخشش عام تي،
هي رويّو نت نيارو، مصطفيٰ جو شان آهه.

جهنگلن جا شينهن ٻي نالو ٻڌي نئڙي پيا،
ٿيا صحابي جو سهارو، مصطفيٰ جو شان آهه.

سرپرستي جنهن غلامن ۽ يتيمن جي ڪئي،
”سيّدي“ ٿيو حبشي ڪارو، مصطفيٰ جو شان آهه.

زندگي ۾ منهن جي عزّت اُن سان الفت جي ڪري،
آخرت جو ڇوٽڪارو، مصطفيٰ جو شان آهه.

نعت خوان ٻڌجي ويو ”مشتاق“ ڪارو ڪوجهڙو،
من ٿيو قربن قرارو، مصطفيٰ جو شان آهه.

★ ★ ★

# نوازش جي ڪرنظر ساقيا...!

نوازش جي ڪر ڪا نظر ساقيا،
گُلن منهنجي قسمت جا در ساقيا.

اچي روضي اطهر جي آڏو رهان،
جبين منهنجي ۽ تنهن جو در ساقيا.

زماني جي گردش ۾ قاتل رهان،
لهو بي خبر جي خبر ساقيا.

رکو تنهنجي رحمت ۾ آهي اميد،
رهان روز شب منتظر ساقيا.

وسڻ ساڻ ويرانا آباد ٿيا،
تون رحمت جو آهين ڪڪر ساقيا.

غلامن ۾ ڪر منهنجو نالو قبول،
اها مُدَّعا مختصر ساقيا.

ڇڏي تنهنجو در، ٻئي جي در جو وڃي،
رهي عمر پر دربدر ساقيا.

جو تنهنجي رضا جو طلبگار ناهي،
خدا جو اُنهيءَ تي ڏمر ساقيا.

ڪري معاف ڪمزوريون ڪوتاهيون،
زيارت سان ڪر بهره ور ساقيا.

ڪو "مشتاق" جو ناهي واهر ولي،
خطا منهنجي ڪر درگذر ساقيا.

# ذوقِ نظر ۾ مدينو...!

خيالن ۾ ذوقِ نظر ۾ مدينو،
هميشه رهي دل جي گهر ۾ مدينو.

نہ ارض و سما ۾ ڪٿي اهڙي عظمت،
ٿيو بي مثل بحر و بر ۾ مدينو.

تصوّر مديني جو تسڪين دل جي،
رهي ياد شام و سحر ۾ مدينو.

رهي دل ۾ هردم پرين جي پچار،
پڇايان ٿو هر هڪ خبر ۾ مدينو.

اُهوئي سفر زندگي جو سفر آ،
هجي مدّعا جنهن سفر ۾ مدينو.

اِهو زندگي جو آ معراج ”مشتاق“
سڪونت هجي عمر ڀر ۾ مدينو.

★ ★ ★

# رحمتن جو گھر مديني ۾

خدا جي رحمتن جو گھر مديني ۾،
نبي جو روضهٔ اطهر مديني ۾.

رکي چائٺ تي سر رئندو رهان آئون،
بلاشڪ بخشش جو در مديني ۾.

عنايت جيڪڏهن ٻانهي مٿان ٿيندي،
مسافر تي رهان هر هر مديني ۾.

رڳو الفت جا ڪاهي قافلا هل تون،
اکين جا لڙڪ ٿيا گوهر مديني ۾.

اکيون ٻوٽي ۽ دل جي ديد سان ڏس تون،
نظر ايندا نوان منظر مديني ۾.

ٿئي ”مشتاق“ تي سرڪار شل راضي،
رکن در جو ڪري نوڪر مديني ۾.

★ ★ ★

# مصطفيٰ ﷺ جي رضا

خدا جي رضا مصطفيٰ ﷺ جي رضا آ،
نبي کي رنجائڻ عذابِ خدا آ.

حبيبِ خدا جي تي اُت ميزباني،
جتي هر طرف بس خدا ئي خدا آ.

خدا جي خدائي تي اُن جي حڪومت،
ٿيو زيرِ فرمان هر دوسرا آ.

ٿيو پرتو، حُسنِ حق لَمْ يَزَلْ جو،
خبر ناهي ڇا ابتدا انتها آ.

خرد، عقل جنهن کي نہ سمجهي سگهيا،
هو هر سمجهہ ۽ سوچ کان ماوراء آ.

نبيّن رسولن ۾ اول ۽ آخر،
هو ختمِ الرسل سيّد الانبيا آ.

ڪري ڪهڙي "مشتاق" تعريف ان جي،
ثناگر سندس خالق ڪبريا آ.

★ ★ ★

# نغمو محمد ﷺ جو

خدا ڳائي فرشتن ساڻ گڏ نغمو محمد جو،
نظر جيڏانهن ڪٿو، ايندو نظر جلوو محمد جو.

نبيّن جو نبي آهي، رسولن جو رسول آهي،
خدا کان بعد ٿيو سڀ کان مٿي، رتبو محمد جو.

اُنهيءَ مومن تي دوزخ تي هميشه لئي حرام آهي،
ڏٺو جنهن روبرو يا خواب ۾ چهرو محمد جو.

نشاني عشق ۽ ايمان جي آهي فقط هڪڙي،
رهي رڳ رڳ ۾ جاري ذڪر هر لمحو محمد جو.

ازل کان تا ابد تي جستجو ۾ ڪائنات آهي،
مگر ممڪن نہ آ، معلوم ٿئي رتبو محمد جو.

ولايت جا، صداقت جا، اڪئين پيڪر ڏسڻ چاهين،
نياٽو ڏس نبي جو ۽ وري سهرو محمد جو.

دعائن ۾، درودن ۾، صلاتن ۾ سلامن ۾،
جتي الله جو نالو، اتي نالو محمد جو.

زمين تي، آسمان تي، عرش ڪرسي، بحر و بر ۾ ڏس،
لڳي الله اڪبر ساڻ گڏ نعرو محمد جو.

خدا "مشتاق" تي رحمت ۽ نعمت ڪئي عطا ڪيڏي،
رهي هر وقت تو وردِ زبان ڪلمو محمد جو.

★ ★ ★

# نعت

حياتي ۾ ڏسان روضو هلي هيڪر محمّد جو،
زياده جنّت الفردوس کان آ در محمّد جو.

ڇڏي شاهي گدائي مصطفىٰ جي ناز تو سمجهان،
شهنشاهن کان بهتر شان ۾ نوڪر محمّد جو.

گهران حورون قصورون باغ جنت جا نتو هرگز،
چمان چشمن سان شل چهرو چڱو انور محمّد جو.

مران جيڪر مديني ۾، ملڪ گستاخ چو ٿيندا،
هجي مسڪين تي پهرو پڌر، هر هر محمّد جو.

لبن تي ساهه لاغر جو ڏسي سردار فرمائي،
ڏيو "مشتاق" کي هينئر ڪٽي ڪوثر محمّد جو.

★ ★ ★

# نعت

خدائي حبيبِ خدا کي عطا،
محمد مني مصطفیٰ کي عطا.

تي ختمِ نبوت رسالت جي نعمت،
نبي خاتمَ الانبيا کي عطا.

ڏسڻ ذات ربّي صفا روبرو،
هي معراج آ مجتبیٰ کي عطا.

نبيّن جو آهي بلاشڪ نبي،
اها رهبري رهنما کي عطا.

امامت نبيّن جي اقصیٰ اتي،
پياري پرين پيشوا کي عطا.

عجب تاج لولاڪ جو سروري،
شهنشاهه هر دوسریٰ کي عطا.

رکي رشڪ تو عرش، نعلين جي،
عجب شان غارِ حرا کي عطا.

بلاشڪ شفيع الامم آهي جو،
تي اذنِ شفا مصطفیٰ کي عطا.

★ ★ ★

# واهر رسول الله ﷺ

خدا جو ناز پرور نازنين دلبر رسول الله،
سڄي سنسار جو سائين سچو سرور رسول الله.

پيارو محب منٺو خالق اڪبر رسول الله،
زمين کان عرش تي آيو نبي اطهر رسول الله،
ٿيو عزّ و شرف ۾ شان ۾ برتر رسول الله،
جهان جي سنگ خارا کاڻ ۾ گوهر رسول الله،
تجلّو نور رباني عجب انور رسول الله

عجيبن جي اچڻ سان تي ويا اديان سڀ باطل،
عُزا ۽ لات شرمايا ٿيا توحيد جا قائل،
هيا حيران ڪافر ۽ مچي وئي هر طرف هلچل،
اگهڻ نوشيروان جي ۾ اچي ويو اوچتو زلزل،
يتيمن بيڪسن جو ويو اچي واهر رسول الله

هيو روح الامين پيادو، نبي برّاق تي بالا،
وڃي بيت المقدّس ۾ پرين ٿيو پيشوا اعلیٰ،
فلڪ چوٿين اتي اڳتي اچي ڪئي مرحبا عيسیٰ،
ڪئي جبريل سدره وٽ ادب سان التجا، آقا،
ذرو هڪڙو وڌايان وڪ، سڙن سڀ پر رسول الله

چيو روح الامين رهبر، پرين چڙهه خواب نوراني،
سواري ڪر سگهو سائين، ڍڪي هل تاج سلطاني،
ملائڪ منتظر آهن، نبين ڪي پريشاني،
سمورا آسمان سينگاريا تولئي منا جاني،
اڏايل عرش ڪرسي تي اوهان جو گهر رسول الله

کيائين سير عرشن جو هئي نعلين قدمن ۾،
جتي تي پئي شرف واري پرين جي پاڪ پيرن ۾،
هيو صَلِّ عَلٰی جو ورد صحرا توڙي گلشن ۾،
خوشي جا گيت ڳايا ويا زمين ۽ آسمانن ۾،
ثنا ڪهڙي ڪري ”مشتاق“ لاغر، يا رسول الله

1953ع

★ ★ ★

## نعت

ڪيان تعريف ڪهڙي مصطفیٰ مختار انور جي،
محمد مجتبیٰ مدني سچي سردار سرور جي.

مسيحا لب لبن تي تي رکي زنده ڪيا ليڪن،
ٿيا جابر جا پٽ جئرا، ٻڌي گفتار گوهر جي.

ملي موڪل نہ موسیٰ کي جتي سان طور سينا تي،
عجب تي عرش تي نعلين سان رفتار رهبر جي.

رهن روح الامين جهڙا ملڪ دربان تا در جا،
اتم عزت رکي تي عرش ڪان دربار دلبر جي.

قيامت ۾ پڪاريندا نبي رس يا رسولَ الله،
ملي اذنِ شفا توکي منا مننار محشر جي.

غريبن جو تون ئي ماویٰ يتيمن جو تون ئي ملجا،
پرين پارت هجي توکي سدا ”مشتاق“ لاغر جي.

1954ع

★ ★ ★

# محمّد مددگار آيو

دوعالم جو سرتاج سردار آيو،
محمّد محمّد مددگار آيو.

سُجا جنهن سوا سارا گلشن سراسر،
اداسي هيا جنهن جا بلبل برابر.
هيا عشق جنهن جي ۾ آتا عناصر،
سو نورٌ نور عليٰ نور نروار آيو.

اڙها جنهن لئي دريا هٽين موج لهرون،
وسيا جنهن لئي بادل تي برسات پريون.
وهن جنهن جي حب ۾ هي چشما ۽ نهرون،
سو نورٌ نور عليٰ نور نروار آيو.

فلڪ تي ملائڪ ٻه مستان سارا،
زمين تي ها حيران حيوان سارا.
هيا جيت جٽيا پريشان سارا،
سو نورٌ نور عليٰ نور نروار آيو.

لٽي شمس تارن جي سڀ بيقراري،
ستن آسمانن جي وئي انتظاري.
اچڻ جنهن جي سان عرش ۾ تي بهاري،
سو نورٌ نور عليٰ نور نروار آيو.

شهنشاهه سردار جنهن جا سلامي،
عرب ۽ عجم ٿا قبولن غلامي.
هلي جنهن جي ڪونين تي حڪمراني،
سو نورٌ علىٰ نور نروار آيو.

پلي ڪر تون ”مشتاق“ موجون بهاري،
حبيبن جي توتي نظر پيار واري.
ثنا جنهن جي ۾ تو حياتي گذاري،
سو نورٌ علىٰ نور نروار آيو.

1954ع

★ ★ ★

## نعت

سدا جنهن جو° حبدار پرور ٿيو، سو عربي محمد منوّر هيو،

ستارا قطب ڪين شمس و قمر، زهل مشتري جو نه پرزو پٽر،
سراجًا مُنيرا سو سرور ٿيو.

نه آدم جو بوتو مٽي ۾ مليو، نه روح الامين جو ڪو نالو هيو،
نبوّت جو اظهار انور ڪيو.

نه ارض و سما ها نه ڪون و مڪان، نه جنّت نه دوزخ نه سارو جهان،
عجب نور اول هي اظهر ٿيو.

نه حور و پري ها نه جنّ و بشر نه درياء چشما نه حجر و شجر
خدا پاڪ ظاهر هي مظهر ڪيو.

نه ڪعبو نه بيت المقدّس هيا، نه لوح و قلم عرش ڪرسي نهيا،
اول جنهن کي الله دلبر چيو.

خدا پاڪ جنهن جو ثناگر چوان، ثنا ان جي ”مشتاق“ ڪهڙي ڪيان
جو بعد از خدا آهي اڪبر ٿيو.

1954ع

★ ★ ★

# يا رسول الله رسيج

تنهنجي در تي آهيان دانهين، يا رسول الله رسيج،
شل مرادون مون پڄائين، يا رسول الله رسيج.

حادثن ئي حادثن جو هر گهڙي آهيان شڪار،
ڄان منهنجي تون ڇڏائين يا رسول الله رسيج.

خواهشن جي ڄار ۾ آهيان وڪوڙيل خواهہ مخواهہ،
ڇوٽڪارو مون ڏيارين، يا رسول الله رسيج.

منهنجي اميدن جي ٻيڙي آهي سائِر سير منجهہ،
پار هي ٻيڙي ڪرائين، يا رسول الله رسيج.

مشڪلاتون مشڪلاتن جي پنيان موجن مثال،
منهنجي هر مشڪل مِٽائين يا رسول الله رسيج.

نااميدي جي رڻن ۾ تو رڙان ريهون ڪيانءِ،
عرض عاجز جو اگهائين يا رسول الله رسيج.

رَحۡمَةً لِلۡعالمين آهين، رئوف آهين، رحيم،
پنهنجي رحمت سان نوازين، يا رسول الله رسيج.

منهنجي ڏوهن جو نہ ڪاتو، تنهنجي رحمت بي حساب،
منهنجي هر بگڙي بنائين يا رسول الله رسيج.

تو سوا "مشتاق" جو همدرد ۽ حامي نہ آهہ،
سڏ ۾ تي ساٿي سدائين يا رسول الله رسيج.

★ ★ ★

# نعت النبي ﷺ

ثنا سرڪار جي ناهي بيان تيٽي بيانن ۾،
قلم ڪي ناهه ڪا طاقت نہ ڪي همت زبانن ۾.

خدا ڪي ئي خبر آهي مقامِ مصطفیٰ ڇا هي،
پروڙي ڪين سگهبي ماجرا وهم و گمانن ۾.

خدا جو ورد آهي ۽ فرشتن جو وظيفو آ،
نبي جو ذڪر جاري آ زمين و آسمانن ۾.

رَسَائِي عقل انساني جي ان تائين نہ ٿي سگهندي،
سمائي ڪين ٿو سگهجي جڏهن خواب و خيالن ۾.

فقط هڪڙو ئي نالو آ ازل کان تا ابد تائين،
پڙهي ڳولي ڏسو سارن صحيفن ۾ ڪتابن ۾.

نظر ايندو نبي جو نور جنهن پاسي نظر ويندي،
اهوئي آشڪارا آهي جلون ۾ نظارن ۾.

خدا جنهن جي رضا ڪي آهي چاهيو رضا پنهنجي،
محبّت جنهن جي آهي ڪاميابي دو جهانن ۾.

عبادت ۾ نہ ايندي جيسين خوشبو تنهنجي الفت جي،
تہ سڀ سجدا ڳڻيا ويندا گناهن ئي گناهن ۾.

هوا پيغام پهچائيندي جنهن جنهن جاءِ روضي جو،
تہ اجڙيل باغ امّت جا نظر ايندا بهارن ۾.

يلا هِن ڪان وڏي خوشقسمتي ٻي ڪهڙي ٿي سگهندي،
رهي تنهنجو تصوّر دائما دل ۾ نگاهن ۾.

ادب ۾ جيڪڏهن هڪ حرف اڳتي پوئتي ٿي ويو،
جهنم زندگي ٿي ويندي جڻ ساهن پساهن ۾.

اٿم معلوم پنهنجي موڙي، پر تنهنجي ثنا صدقي،
ڳڻيو "مشتاق" ويندو حشر ۾ تنهنجي غلامن ۾.

★ ★ ★

# نعت

محبّت ادب آشنا ٿي وڃي،
تہ چڻ عشق جي انتها ٿي وڃي.

حرم جي زمين آ سنيالي هلو،
متان ڪا ادب ۾ خطا ٿي وڃي.

زبان زور سان ٻڙڪ ٻاهر ڪئي،
تہ ناراض شايد خدا ٿي وڃي.

ڪرم جي نظر تو ڪري جيڪڏهن،
جهانن جي نعمت عطا ٿي وڃي.

جو راهِ وفا ۾ فنا ٿي وڃي،
هميشہ هميشہ بقا ٿي وڃي.
حياتي سڄي نقشِ پا ٿي وڃي،
تہ انسان جي ارتقا ٿي وڃي.

فقط حرف هڪڙو بہ پائي شرف،
تہ مقبول هر مدّعا ٿي وڃي.

مديني جي "مشتاق" مٿي ملي،
تہ احسان جي انتها ٿي وڃي.

★ ★ ★

# نعت

شاعري ساري ثنائے يار ۾،
آهي خوشبو ان کري اظهار ۾.
تي پيا شمس و قمر شيدا متس،
نور جا جلوا ڏسي رخسار ۾
کهڙي کهڙي وصف جي واکاڻ تئي،
سونهن جي تي سپ سِتا سرڪار ۾.
پل ڏسو پيٺي پَلا انسان سپ،
کو نہ مٽ گفتار ۾ ڪردار ۾.
حشر ۾ خطرو تپش جو ناهہ کو،
تي سکونت سايئِ ديوار ۾.
هُو عيادت لاءِ هو آيو هلي،
تنهن کري تي تازگي بيمار ۾
دشمنن کي پي دعائون تو ڏئي،
ناهي کو ثاني سڄي سنسار ۾.
محب جو ”مشتاق“ آهي ذکرِ خير،
ساري محفل تي هجي هبڪار ۾.

★ ★ ★

# ذڪرِ حسين عليہ السلام

سال هجري جي هميشه ابتدا، ذڪرِ حسين،
هر محرّم آهي تجديدِ وفا، ذڪرِ حسين.

بحر و بر، ارض و سما ۾ جا بجا، ذڪرِ حسين،
هر جڳه تي فرش تا عرشِ علىٰ ذڪرِ حسين.

ڪربلا هڪ راز آهي عبد ۽ الله جو،
ڇا زبان منهنجي ڪري سگهندي پلا، ذڪرِ حسين.

ٻاهتر جا ٻاهتر زنده هميشه واسطي،
پر يزيد جي موت ٻڻجي ويو سدا، ذڪرِ حسين.

آمرن، ڊڪٽيٽرن ۽ رهزنن جي راهه ۾،
تا قيامت ڪربلا ئي ڪربلا، ذڪرِ حسين.

دين جا دشمن جڏهن راڄن ۾ راتوها هٽن،
زلزلا تن جي صحن ۾ ڪيا بپا، ذڪرِ حسين.

ڪربلا هر دور ۾ اسلام جي تعميرِ نو،
دين لئه زنده رکيو آهي خدا، ذڪرِ حسين.

شان ۾ قرآن جون ڪيئي آيتون نازل ٿيون،
آيتِ تطهير آهي برملا، ذڪرِ حسين.

ڪربلا جي خاڪ کي خاڪِ شفا سڏجي نہ ڇو؟
تاقيامت ٿي ويو جنهن کي عطا، ذڪرِ حسين.

آسمان هردم رهي ٿو ان دعا جو منتظر،
جنهن دعا ۾ مؤمنن جي مدعا، ذڪرِ حسين.

جنهن عقيدت سان جهلي جهولي شفايابي ملي،
هر طرح جي لادوائن جي دوا، ذڪرِ حسين.

اصل ڪان ”مشتاق“ اهلِ بيت سان الفت رهي،
وردِ دل، وردِ زبان آهي سدا، ذڪرِ حسين.

★ ★ ★

## يادِ ڪربلا

ڪربلا مان ٿي اچي اڄ پي صداءِ انقلاب،
ياد تنهنجي غيرتِ ايمان ۾ آڻي پيچ و تاب،
قوم مسلم کي پڙهائي وئين تون آزادي جو باب،
حق پرستي جي حمايت آهي تنهن جو اضطراب،
تنهنجي بي باڪي زمانن لاءِ عبرت جو سبق،
هر يزيدي دور لئي همت ۽ جرئت جو سبق.

# حڪايتِ حسين عليہ السلام

هر دل ۾ هر زبان تي، مدحت حسين جي،
هِن توڙي هُن جهان تي، حڪومت حسين جي.

اڄ ما تو عشق ڪائي ۽ تئي تو جنون جوان،
جنهن وقت ياد پئي تي، حڪايت حسين جي.

خنجر جي سايي هيٺ ادا ڪئي نمازِ عشق،
معيارِ دين آهي، عبادت حسين جي.

اسلام جي بقا ۽ ايمان جي پرک لئي،
هر دور ۾ رهي تي، ضرورت حسين جي.

هر زندگي تي پائي، جنهن کان حياتِ نو،
سا راهِ حق ۾ آهي، شهادت حسين جي.

صبحِ ازل کان آهي تا شامِ ڪربلا،
هردم روان دوان تي، روايت حسين جي.

لختِ جگر ٻه پنهنجي هٿن سان ڪيا سپرد،
دنيا ۾ بي مثال، شجاعت حسين جي.

غلبو يزيديت جو ڪڏهن ٿي نه ٿو سگهي،
جنهن قوم کي عطا ٿي، امامت حسين جي.

ڪيئي غلام تنهنجا ڪندا ڪربلا بپا،
ٿيڻي نه ختم آهي، ولايت حسين جي.

”مشتاق“ آهيان مان آلِ رسول جو،
قربِ رسول آهي، قرابت رسول جي.

★ ★ ★

## خونِ شهيدان

مٽائي ڪين ٿي سگهجي، ڪڏهن ان قوم جي هستي،
لکي تقدير جنهن جي آهي وئي، خونِ شهيدان سان.

ڪٿوري ڪان رهي خوشبوءِ ۾ سرهي اها واري،
ٿئي ٿي جيڪا خون آلوده، قتلِ نوجوانان سان.

اها ئي سرزمين پيدا ڪري ٿي لاله گل کي،
ڪئي وئي آبياري جنهن جي، خونِ عندليبان سان.

★ ★ ★

# شهيد اعظمؑ جو شان

نکي علم و عقل گهرجي، نکي ڪاغذ قلم گهرجي،
شهيد اعظم جو لکڻو شان آهي درد و غم گهرجي.

ٻُڌائي زندگي جا راز ويو صبر و رضا وارو،
وفا جي راهه ۾ سيني لڳائڻ هر ستم گهرجي.

ڪيو جنهن لا اِله جي راهه ۾ انڪار بيعت ڪان،
خدا جي دين لئي هر وقت شبّيري عَلم گهرجي.

کُهايا راهِ حق ۾ مرڪندي گهر جا سڀئي ياتي،
حسين ابنِ علي جو حوصلو، همت ۽ دم گهرجي.

تجلّي طور واري ساڻ ٿو صحرا سڄو چمڪي،
زمينِ ڪربلا، آلِ نبي جو هڪ قدم گهرجي.

ملي ٿي روشني ايمان کي ۽ عشق کي جذبو،
محبت ۽ عقيدت جو رڳو ابرِ ڪرم گهرجي.

نبي جي آل ۽ اصحاب سان "مشتاق" الفت رک،
خدا وٽ هر ڏرم ڪان اڳ محبت جو ڏرم گهرجي.

★ ★ ★

# عزمِ حسين عليہ السلام

ڪربلا جي پار ڪان آهي گُهلي اهڙي هوا،
هر طرف ظاهر ٿين پيا معجزن تي معجزا،
دشمنن جا هوش، حيلا، حوصلا آهن خطا،
چڙ لهي ميدان ۾ آيا خدا ۽ مصطفیٰ

پنهنجي ئي تلوار تيرن جو شڪاري ٿيا شڪار،
آمريڪا، روس، يورپ هر جگہ آهن خوار.

ٿيندي قبرستان دشمن جو، عراق جي سرزمين،
شرم واري آ شڪست ان جو مقدّر باليقين،
مالڪ الملڪ آهي مومن جو محافظ ۽ معين،
آسمان توڙي زمين تي نعرهِ ”فتح مبين“

ولولي، جذبي حسيني جو اهو آهي ڪمال،
جو سپر پاور جي قسمت ۾ ويو لکجي زوال.

ڪيئن حزب الله اسرائيل ڪان ٿيو ڪامياب،
ڪيئن صيهوني حڪومت جا ٿيا ناڪام خواب،
ڪيئن ماٽي سوپ، دشمن تي سپاهِ بوتراب،
ڪيئن ميزائيل بڻجي ويا ابابيل ۽ عقاب

ساري دنيا هن حقيقت جي مٿان حيران آهہ
ناهہ انسانن جي طاقت هي خدا جو شان آهہ

اتحادي فوج جو افغان آهن امتحان،
پنهنجي ڌرتي جي دفاع ۾ نڪتا آهن نوجوان،
بي خطر، بي خوف ٿي قربان ڪن ٿا مال و جان،
موت جو پيغام ٻڌجي ويا عَدؤ لئي طالبان.

ڏيندا افغاني يقينن، آمريڪا کي شڪست،
ٿيندي پوري خطّي تي مضبوط مسلم جي گرفت.

جيڪڏهن جذبو حسيني اڄ بہ آهي موجزن،
جيڪڏهن سر سان ٻڌون رنگين شهيدن جو ڪفن،
جيڪڏهن جاڳي پون پير و جوان ۽ مردوزن،
جيڪڏهن زينب جو محفوظ آهي رکٽو پيرهن،

مات ملندي هر يزيدي فوج جي يلغار کي،
ٿيندي قدرت ڪان عطا صورت نئين سنسار کي.

معرڪهِء حق ۾ نہ هٿيارن جي حاجت ٿي رهي،
معرڪهء حق ۾ نہ لشڪر جي ضرورت ٿي رهي،
معرڪهِء حق ۾ نہ حاجت مال و دولت ٿي رهي،
معرڪهِء حق ۾ نہ ڪنهن جو رعب و هيبت ٿي رهي،

معرڪهِء حق ۾ ڪپي "مشتاق" تو عزمِ حسين،
معرڪهِء حق جو نتيجو ڪربلا بدر و حُنين.

★ ★ ★

# غمِ حُسين عليہ السلام

غمِ حسين تہ باطل کي بدلڻو آهي،
غمِ حسين تہ مقتل تي مرڪڻو آهي.
غمِ حسين کي هر دور جي يزيد اڳيان،
ٻڌائي عشق جو اڳواڻ پرکڻو آهي.

غمِ حسين نقارو مُزاحمت جو آ،
غمِ حسين سهارو مُدافعت جو آ.
غمِ حسين تہ انڪار آهي بيعت جو،
غمِ حسين تہ مارو يزيديت جو آ.

غمِ حسين تہ پيمان زندگي آهي،
غمِ حسين تہ پيغامِ روشني آهي.
غمِ حسين تہ آ دعوتِ رضا تسليم،
غمِ حسين تہ معراجِ بندگي آهي.

غمِ حسين تہ سر جي سخا جو نالو آ،
غمِ حسين ئي اسلام جو حوالو آ.
غمِ حسين جي دعوىٰ ڪرڻ تہ سولي آ،
غمِ حسين جو رستو صفا نرالو آ.

غمِ حسين تہ ايمان جي علامت آ،
غمِ حسين تہ الله وٽ عبادت آ.
غمِ حسين ۾ آهي رسول جي الفت،
غمِ حسين نہ آهي تہ چڻ قيامت آ.

غمِ حسين تہ سوغات ڪائنات آهي،
غمِ حسين تہ هر فرد جي حيات آهي.
غمِ حسين ۾ آهي ڀلو جهانن جو،
غمِ حسين تہ ”مشتاق“ جي نجات آهي.

★ ★ ★

# آگهي بخشي حسين

درد کي ديوانگي بخشي حسين،
هوش کي حيرانگي بخشي حسين،
عقل ۽ ادراڪ جت عاجز ٿيا،
عشق کي اُت آگهي بخشي حسين.
موت کي ڏيئي شهادت سان شڪست،
زندگي کي زندگي بخشي حسين.
اهڙي ڪئي راهِ وفا هن اختيار،
عاشقن کي آرسي بخشي حسين.
ڪربلا هئي، هِن ڪان اڳ ڪرب و بلا،
ڪربلا کي روشني بخشي حسين.
آسمان پي تو ڪري نِوڙي نياز،
خاڪ کي عظمت وڏي بخشي حسين.
ڪربلا ۾ جان جا نذرانا ڏئي،
دين کي نئين زندگي بخشي حسين.
هو مديني جو چمن اُجڙڻ لڳو،
تنهن کي نئين سر تازگي بخشي حسين.
موت جو منظر ڏکيو آهي مگر،
موت ۾ پي دلڪشي بخشي حسين.
مرڪندي ”مشتاق“ مقتل ڏي اچڻ،
راهِ هِن جي رهبري بخشي حسين.

★ ★ ★

# نذرانہ عقيدت ببارگاہ قلندر لال شهباز سيوهاڻي

او قلندر لال، او شهباز شاهہ،
سرزمينِ سنڌ جا مهتاب ماهہ،
تنهن جي آهيون آسري عالم پناهہ،
پنهنجي مستانن ڏي کر هڪڙي نگاهہ.

تنهنجا هي مظلوم ۽ مجبور سڀ
تي وڃن محبوب ۽ مسرور سڀ

اڄ تہ توسان حال دل جو اوريان،
سور سيني جا سمورا سوريان،
ڏيهہ جا ڏک ڏرت سارا ڏوريان،
دل جي زخمن کي نئين سر چوريان،

جت ڪٽي آئين تون پيغامِ حيات،
ڏس ڪري چا تي اتي انسان ذات.

تي پيا پيدا وري آهن هُنود،
ويا ٽپي انسانيت جون سڀ حُدود،
مسجدِ اقصىٰ تي ڪن ٿا جيئن يهود،
تيئن هتي دشمن لئي سنڌين جو وجود،

تن کي تون سيڪت ڏي ۽ ساڃاهہ ڏي،
لا اله وارن کي اِلا الله ڏي.

ڏس اچي تون پنهنجي هم وطنن جو حال،
جن کي ناهي تنهنجي ننگري جو خيال،
تي ويو آهي هتي سڀ ڪجهه حلال،
آ ڪٿي، تنهنجو ڀلا جوش و جلال،
هي پڳل ڪشتي حوالي سير ڪر،
نئين سري انسانيت تعمير ڪر.

عقل کان اعلىٰ قلندر جو مقام،
گودڙي کي تاج شاهي ڪن سلام،
جت نہ آهن ڏينهن راتيون صبح و شام،
۽ نکي هي شمسي و قمري نظام،
ان جڳه شهباز جو پرواز آهہ،
جت نہ ڪو انجام آ، آغاز آهہ.

ڏس ڪتان مهراڻ ڪاهيندو اچي،
جهنگ جهر ميدان پائيندو اچي،
تنهنجي در ڏي گيت ڳائيندو اچي،
موج سان مرليون وڄائيندو اچي،
پائي هٿ پاٽي ٿو درجو ڪير جو،
خاڪ ۾ آهي اثر اڪسير جو.

تنهنجي در تي ٿي وڄي جيڪا ڌمال،
ساز ان جي ۾ پيل سوزِ بلال،
عشق بوذر جو ۽ يوسف جو جمال،
رمز رومي جي ۽ جامي جو جلال،
ڪربلا جو قرب ٿو حاصل ٿئي،
بدر و خيبر ڏانهن دل مائل ٿئي.

تنهنجي ميندي رنگ لايو تي چڙي،
نقش کهنا سپ مٽايو تي چڙي،
جهرڪ کي شاهين ٺاهيو تي چڙي،
ڇا منجهان ڇا ڇا بنايو تي چڙي،
تي چڙي موڙي سا رخ تقدير جو،
تي پسائي رخ نئون تصوير جو.

تنهنجي مستي تي خرد قربان آهه،
تنهنجي نئڙت تي خودي نازان آهه،
تنهنجي ٻانهپ ۾ خدائي شان آهه،
تنهنجو خادم ملڪ جو سلطان آهه،
تنهنجي مدهوشي فنا في الله آهه،
تنهنجي خاموشي بقا بالله آهه.

غيرتِ يزدان جو تي ابرِ ڪرم،
تو ڏنو عزّت ۽ عصمت کي جنم،
بي حيائي جو ڪرائي سر قلم،
شهر سيوهڻ کي ڪيئي بيت الحرم،
تنهنجي فيضانِ نظر جي نور سان،
طائفه برتر ويون تي حور ڪان.

هت هيا ڪيئي اڏايل سومنات،
تو يڳا هڪ ڪري لات و منات،
وئي بدلجي گويا ساري ڪائنات،
تي وئي آزاد جڙ انسان ذات،
جنهن طرف تنهنجا نماڻا نيڻ ٿيا،
لوهه جا پُتلا بہ گويا ميڻ ٿيا.

تو ڪيو رائج نبي وارو نظام،
آدميّت کي مليو اعلىٰ مقام،
ٿي ربوبيّت ڪري جنهن جو سلام،
ٿي ويو بندو خدا سان هم ڪلام،
ويا هٽي پردا ۽ دوري دور ٿي،
خاڪ جو ويو ذرّو ذرّو نور ٿي.

عشق ۽ الفت جا ميخانا هٽي،
پرت وارن لاءِ پيمانا هٽي،
مست مستي ۾ ٿيا مستانا هٽي،
ساھ سر ڪن ٿا سي نذرانا هٽي.
تو پرين واهڙ وهائي فيض جا،
عاشقن کي تو ڪري واصلِ خدا.

لال لائي رنگ تو لاهوت جو،
نيهن جنهن جي ۾ نشو ناسوت جو،
جڻ جلالي جلوو آ جبروت جو،
جنهن جي مرقد تي مزو ملڪوت جو،
هت فرشتا پيِ اچي ڪن ٿا سلام،
عبد جو الله ڪري تو احترام.

جنهنکي تنهنجي در جي درباني ملي،
تنهن کي جڻ تعليم قرآني ملي،
عشق نبوي، رمزِ ربّاني ملي،
دين ۽ دنيا جي سلطاني ملي،
زورِ حيدر صدق سلماني هٽي،
عشق بوزدار راز رحماني هٽي.

سنڌڙي جو شاهه تون، شهباز تون،
عشق جو آلاپ تون، آواز تون،
سوز و الفت جو سراپا ساز تون،
نازنينن جو نسورو ناز تون،
رات ڏينهن رب ساڻ تنهنجو قيل و قال،
گويا سيوهڻ طورسينا جي مثال.
سنڌ جي دولهه دليرن جا ڏٽي،
سيّدن پيرن فقيرن جا ڏٽي،
رئيس راجائن اميرن جا ڏٽي،
ڪوجهڙن ڪارن ۽ ميرن جا ڏٽي،
منهنجو لالڻ لال آ، لک پال آهه،
جو هلي آيو، سو مالا مال آهه.
پنهنجي مستانن جي لڄ رکجانءِ لال،
تنهنجي در ”مشتاق“ جو آهي سوال،
سايهٔ تو آهي سايهٔ ذوالجلال،
تنهنڪري ناهي ڪو پائي جو خيال،
تنهنجا نانگا قوم جو ٽيا ننگ و نام،
سنڌ تي شاهي ڪندا تنهنجا غلام.

1965ع

★ ★ ★

## قطعو

شڪسته پر نگاهِ فيض سان تي،
زمين کان عرش، پهچايا قلندر،
اياز آيا ۽ تي محمود نڪتا،
چڙي پلٽي سندن ڪايا قلندر.

# پٽائيءَ کي پيڙا

پٽ ڏٺي جي آهي الفت خاص توڙي عام ۾،
ڪيئي محمود ۽ اياز آهن وڪوڙيل دام ۾،
آيتن جو عڪس آهي هوبهو پيغام ۾،
صبح واري روشني پيدا ڪئي، جنهن شام ۾،

جنهن جو هر هڪ بيت عالَم لاءِ پيغامِ حيات،
حاضري جنهن جي پرن شاهه و گدا تا ڏينهن رات.

معرفت جو گنج سڄي تو رسالو شاهه جو،
جنهن جي سِٽَ سِٽَ ۾ سمايل آ سبق ساڃاهه جو،
تو رهي ميڙو متل هر وقت حق آگاهه جو،
هوبهو منظر ملي تو نات جو ۽ ناهه جو،

ريت جي ذرّن کي پٽ ۾ طور جو درجو مليو،
بيت جي هر حرف ۾ الهام رباني ٿيو.

جنهن شريعت کي بڻايو زندگي جي شاهه راهه،
جو طريقت جي طريقي ساڻ حق آگاهه آهه،
معرفت جي روشني روشن ڪيا دل ۽ نگاهه،
تا رهن حق سان حقيقت ۾ سندس ساهه ۽ پساهه،

جنهن جي قول و فعل ۾ توحيد ۽ عشقِ رسول،
حبِّ اصحابن جي، الفت ۽ ادب آلِ بتول.

شاهہ جي روضي تي اڄ پڻ ٿا پروڙن رند راز،
نينهن وارن جو رهي رب ساڻ هت راز و نياز،
سالڪن کي ٿو ملي سڪ جو سبق ۽ سوز و ساز،
هت جهلي جهولي هميشہ بيٺا استاد ۽ اياز،

سورلي، آءِ آءِ قاضي، آڏواڻي ۽ بلوچ،
قاسمي، دائودپوٽي کي هميشه تنهنجي سوچ.

سنڌڙي توکي سڏي ٿي سنڌ جا عالم پناهہ،
تنهنجي در تي دانهين بيٺو آهي، اڄ درياهہ شاهہ،
سنڌ جي ڌرتي ڦري ڦورن ڪئي آهي تباهہ،
تون اچي چنگيزين جو هي سمورو ٻوهہ ڏاهہ،

نئين سري رنگين ڪر، هن ديس جي تصوير کي،
تون وري تبديل ڪر، تدبير سان تقدير کي.

مارئي جي مارئن ۽ ديس لئي سڪ بي مثال،
قرب وارن لاءِ سسئي جا ڪشالا باڪمال،
داستان سهڻي جو ساهڙ جي طلب ۾ لازوال،
سونهن سورٺ جي ۽ نوري جي سدا نئڙت نهال،

شاهہ جون سڀ سورميون همت ۽ جرئت جو سبق،
سنڌ سان الفت رکڻ وارن لئي عبرت جو سبق.

سنڌ جي تهذيب ٻولي ۽ ثقافت جا امين،
سنڌ جي تاريخ رسمن ۽ روايت جا امين،
سنڌ جي شعر و سخن ساڃاهہ ساهت جا امين،
سادڙا سنڌي ٿيا، تنهنجي امانت جا امين،

نوجوانن جا ارادا، عزم اٽل ۽ اٽل،
ميڻ تي پوندا پهڻ ۽ ريت تي ويندا جبل،

تنهنجي پياري سنڌڙي جي لڄ رکڻ وارا لکين،
ڌرتي جي ذرن کي چاهت سان چمڻ وارا لکين،
ديس جي انگ انگ تي تيا سر ڏيڻ وارا لکين،
ويل اوکي ۽ اڙانگي ۾ کسڻ وارا لکين،

جن جي هيبت کان ڏڄن ٿا جهنگلن جا شير پڻ،
جن جي آهٽ کي ٻڌي دشمن وڃن ٿا ڍير ٿي.

عاشقن کي تو ڇيو ڏک زهر جا پيئندا وڃو،
تو پتنگن کي ٻڌايو باهه ۾ پچندا وڃو،
ڪنڌ تي ڪاتي هجي ته به ڪوڏ مان ڪُڏندا وڃو،
سر ڏيڻ لئي سوري تي نچندا وڃو، کِلندا وڃو،

تنهنجي هن پيغام تي تيّار ديوانا گهڻا،
ساهه سر گهورين ٿا "مشتاق" مستانا گهڻا.

★ ★ ★

# غزل

جي آيا عشق ۾ سي عهد ۽ پيمان ڇا ڄاڻن،
سڄڻ هوش و خرد جا مامرا مستان ڇا ڄاڻن.

ڪيو سود و زيان جون عاشقن سان ڳالهڙيون ڇو ٿا،
اڏي تي سر رکڻ وارا نفعو نقصان ڇا ڄاڻن.

دلِ بي تاب کي تڙپائي ۽ ڀلائي ياد ان جي،
محبت جا ڪُٺل ڀيو درد ۽ درمان ڇا ڄاڻن.

گريبان چاڪ دامن چٽ ٿين ٿا روز الفت ۾،
غمِ جانان جي لذت عقل ۽ عرفان ڇا ڄاڻن.

ملامت عشق وارن کي نه ڪر اي صاحبِ تقوىٰ،
جنون وارا هي تنهنجو دين ۽ ايمان ڇا ڄاڻن.

متاعِ زندگي سمجهي، رکيم زخمِ جگر سانديي،
ٻها هن بي ٻها دولت سندي نادان ڇا ڄاڻن.

ڪيا هڪڙي نظر "مشتاق" ڪيئي نيم جان بسمل،
پلا تير و ڪمان هي سادڙا انسان ڇا ڄاڻن.

★ ★ ★

# غزل

سفر عشق جي ۾، سهارا نہ پڇجو،
محبت جا ڪنڌيءَ ڪنارا نہ پڇجو.

متي لا مڪان ڪان محبت جي منزل،
ڪڏهن رستي ۾ چنڊ تارا نہ پڇجو.

جتي سر جا سودا بہ چڙهن سستا سودا،
اتي مال ڌن جا خسارا نہ پڇجو.

ٿئي سوري تي سڏ، تہ سر سوري رکبو،
پيا پيچرا پنڌ چارا نہ پڇجو.

اڪر عشق جو جيڪڏهن آهي پڙهڻو،
تہ اسڪول علمي ادارا نہ پڇجو.

فرشتن کي ناهي خبر جا ٿئي پيو،
محبّت جا مخفي اشارا نہ پڇجو.

اکين تي لڱل پهرا آهن تہ جا ٿيو،
دلين جا تين ڪيئن نظارا نہ پڇجو.

رخ يار جي ويجهو واسينگ وانگر،
ڪُهن ڪيئن تا وار ڪارا نہ پڇجو.

نگاهن جي جادو جي "مشتاق" کي سڏ،
اجايو پيا منڊ ڏارا نہ پڇجو.

★ ★ ★

# غزل

سنيالي ڪڻ قدم بي تاب دل، دلدار جي ويجهو،
رهن ٿا نانگ ڪارا، يار جي رخسار جي ويجهو.

لبن تي دم هيو، بي جان ۾ جڻ جان پئجي وئي،
هلي آيو صنم جيئن عاشقِ بيمار جي ويجهو.

سڄڻ پهچي ويو پيغام تنهنجو منهنجي دل تائين،
اجان پهتا نہ آهن تنهنجا لب، اظهار جي ويجهو.

متل محفل جي رونق اهلِ دل ٿيندا ڪڏهن ناهن،
رهن عاشق اڪيلائي ۾ ڪُوئي يار جي ويجهو.

نڪي تسبيح جي ويجهو نڪي زنّار جي ويجهو،
نظر ايندا هميشه گيسوئي خمدار جي ويجهو.

رقيبِ روسيه جو جيئن گذر ٿيو گلبدن پرسان،
ٿيو محسوس نازڪ گل ٿيو جڻ خار جي ويجهو.

ڪندو کهڙي قيادت قوم جي ۽ ملڪ جي "مشتاق"،
رکي جيسين نٿو سردار پي، سردار جي ويجهو.

★ ★ ★

# غزل

حقيقت عشق جي، ڪنهن برهه جي بيمار کان پڇجو،
پتو پنڌ پيار جو ڪنهن پرت جي پينار کان پڇجو.

نه ڪاغذ کان، نه قاصد کان، نه همدم کان، نه حاسد کان،
قصو دردن جو پڇڻو آ، در و ديوار کان پڇجو.

نه ساقي کان، نه ساغر کان، نڪي مئي کان، نه ميڪش کان،
نگاهِ يار جو نشو، نگاهِ يار کان پڇجو.

نه چاره گر طبيبن کان، نڪي حاذق حڪيمن کان،
دلِ بيمار جي حالت، دلِ بيمار کان پڇجو.

نه قاضي کان، نه ڪافر کان، نه مفتي کان، نه ماهر کان،
محبّت جو مزو ”مشتاق“ مٺيادار کان پڇجو.

1965ع

★ ★ ★

## غدّاري نه ٿيندي...!

هجي نيبهه اوهان کي ڪرسي يارو،
ڪڏهن ڌرتي سان غدّاري نه ٿيندي،
جو دشمن سنڌ جو سو منهنجو دشمن،
انهيءَ سان دوستي ياري نه ٿيندي.

# غزل

سجڻ سر جو سائين ۽ سلطان آهي،
مٿس دين ايمان قربان آهي.

جي مرڪي ته مکڙي کي موهي وجهي ٿو،
ڪلي ٿو ته گويا گلستان آهي.

اکين تي رکان ٿو چپن سان چمان ٿو،
رخ يار آهي يا قرآن آهي.

ڏسڻ سان هزارين حياتيون ٿو بخشي،
نگه ان جي چڻ آبِ حيوان آهي.

ڪيا قيد وارن ۾ ”مشتاق“ ڪيئي،
سيه زلف آهن يا زندان آهي.

1966ع

★ ★ ★

## بزم ۾ رونق

تڏهن ته آهي بزم ۾ رونق
هزارها پتنگ سر ڪٽائي ويا

تڏهن ته آهي باغ ۾ سرهاڻ
هزار عندليب تي ويا رت چاڻ

فقط نگاهِ غير تي ڏئي سڀ ڪجهه
گلن جو داغ داغ آ سينو،

ستم جي حد ٽپي وئين سائين
رئي ٿي شمع غمزده اجان تائين

1967ع

# غزل

اڪڙين سان اجان مس اکڙيون اڙيون، دل اڳ ۾ ئي ٿي وئي نيشانو،
هڪ گهور تي سڀ ڪجهه گهوري ڏنم، ٻيو پيش ڪيان ڇا نذرانو.

محفل ۾ جو آيو پيرِ پري، تنهن کي تو چڙهيو سرشار ڪري،
ڪنهن کي تو هٿن سان جام ڏنو ۽ ڪنهن کي نظر سان پيمانو.

تنهنجي بزم کي رونق بخشڻ لئي منهنجو خونِ جگر پيي حاضر آ،
جيئن شمع جي لاٽ تي جان ڏئي، تو جوت جلائي پروانو.

دنيا جا چمن آباد ٿين، ويران ٿين ٿا موسم سان،
پر تو بن منهنجي دل جو چمن هر وقت رهي ٿو ويرانو.

تنهنجي عشق ۾ جو "مشتاق" ٿيو تنهن کي موت ۾ مشڪل ڀهڪائي،
ڏس خنجر هيٺان پيي ڪيئن ٿو تنهنجي ياد ۾ تڙپي ديوانو.

★ ★ ★

# کهڙي ميار

خون جا پياسي جڏهن خود خون جا رشتا هجن،
اهڙي صورتحال ۾ غيرن مٿان کهڙي ميار،
پنهنجا ماري ڇانو بدران باهه ۾ اڇلڻ لڳا،
هِن کان ٻي کهڙي قيامت جو اجان آ انتظار.

# غزل

من مست نگاهن مست ڪيو، نيڻن جي نشن جي ڳالھ نہ ڪر،
ساغر ۽ صراحي وسري ويا، تون ميخانن جي ڳالھ نہ ڪر.

مون تير تبر تلوار ڏٺا، بندوق ۽ برڇيون ڀالا ڏٺم،
پر دل ۾ ڪيئن پيوست ٿيون، تون پنھنجي اکين جي ڳالھ نہ ڪر.

افسرده رهان، رنگ زرد رهان، بي خواب رهان، بي تاب رهان،
مان تنھنجي خوشين ۾ خوش آهيان، تون منھنجي ڏکن جي ڳالھ نہ ڪر.

مکڙي ۽ گلن جي رعنائي، ڇا لال و گُهَر جي لالائي،
تنھنجي مرڪ مثل منٺار نہ ڪجھ، تون پنھنجي چپن جي ڳالھ نہ ڪر.

جند جان ڏنم، سر ساھ ڏنم، ڌن مال ڏنم، هر حال ڏنم،
لک اهڙا جنم قربان ڪيان، تون منھنجي خوشين جي ڳالھ نہ ڪر.

ڇا شهد و شڪر جي شيريني، مصري نہ منائي مٽ ثاني،
هر حرف مٺاس جو منارو، تون پنھنجي سخن جي ڳالھ نہ ڪر.

محبوب جي پيشاني جو پگھر، خوشبوءِ ۾ ڪٿوري ڪان سرهو،
ٿيا عطر گلاب نہ موتيو مٽ، تون مشڪِ ختن جي ڳالھ نہ ڪر.

چو چوڏهين چندُ تو شرمائي، چو تارا ڪَتيون ويا مُرجهائي،
رخسار جي رونق ڇا چئجي، "مشتاق" ڳلن جي ڳالھ نہ ڪر.

★ ★ ★

# غزل

محبت جي مزي ۾ مئي ۽ ميخانه به وسري ويا،
پرين جي پرت ۾ سڀ رنگ روزانه به وسري ويا.

پياريو پيار مان ساقي شرابِ زندگي اهڙو،
حيات و موت جا افڪار افسانه به وسري ويا.

ڏسي ساقي صداقت پرت جي پينار جي پوري،
ڪيائين پرت پرتان، ان ڪان پيمانه به وسري ويا.

رهيا هوش و خرد باقي نه هُن مستي جي عالم ۾،
مقرّر رات وارا ورد دوگانه به وسري ويا.

رفيقو حال خسته جي خبر ڪولي ڏيان ڪهڙي،
صنم جي عشق ۾ سڀ شوق شاهانه به وسري ويا.

ڪئي جن عمر ساري دوست جي در نوڪري دل سان،
عجب آهي اُهي ”مشتاق“ مستانه به وسري ويا.

★ ★ ★

# غزل

اجان مشڪل سان نظرن جي، رسائي تي نظر تائين،
ته ويو تيرِ نظر پهچي، سڌو دل کان جگر تائين.

نگاهِ ناز جو بسمل حياتي ڀر پيو تڙپي،
خبر ناهي نه پهتي ڇو خبر ان بي خبر تائين.

ستارا سات ڏيندا ڪيستائين عشق وارن جو،
هي جاڳن ڏينهن راتيون، هو رڳو جاڳن سحر تائين.

دلين ۾ رابطو آهي، ته ڪهڙو فاصلن جو فرق،
پلي گهمندو رهي هو هڪ شهر کان ٻئي شهر تائين.

ڪڪر ڪيهون ڪري ڀڄندا ڏسي عاشق جي اکڙين کي،
ٿئي بادل جي جيڪر آشنائي چشمِ تر تائين.

محبت ۾ اِهو "مشتاق" جو معراج تي ويندو،
پڄي جي منهنجي پيشاني سڄڻ جي سنگِ در تائين.

★ ★ ★

## جنگ جاري رهندي

غاصب جابر، ڊڪٽيٽر سان، جنگ اسان جي جاري رهندي،
وقت جي هر فرعون جي ڦر سان، جنگ اسان جي جاري رهندي،
ڌرتي کي آزاد رکڻ لئي، ڪونڌر ڪيئي ڪُسندا رهندا،
ملعون يزيدي لشڪر سان، جنگ اسان جي جاري رهندي.

★ ★ ★

# غزل

نازنين ناز و ادا جي هر نشاني ياد آهه،
تنهنجي انگڙائي پرڻ واري جواني ياد آهه.

نقش آهن دلِ متان خاموش لمحن جا خيال،
هي مقدّس داستانِ زندگاني ياد آهه.

غير آڏو برملا چوندي کهاٽي پيار جي،
تو ڪئي جا منهنجي دل جي ترجماني ياد آهه.

حال اورينديءَ گذاري رات جڻ اک چنبي ۾،
موڪلاڻي واري ساري لن تراني ياد آهه.

خط لکڻ خبرون پڇڻ ۽ پيار سان پرچڻ رسڻ،
محب جي "مشتاق" تي، هر مهرباني ياد آهه.

★ ★ ★

## راز جون ڳالهيون

عشق جون، سوز و ساز جون ڳالهيون،
درد، غم ۽ گداز جون ڳالهيون،
يار توساڻ تو سلڻ چاهيان،
زندگي ۾ جي راز جون ڳالهيون.

# غزل

محبت پراڻي تيڻ واري ناهي،
مرڻ بعد پڻ هي مرڻ واري ناهي.

ٽُٽل دل کي ٽاڪو لڳائي نه سگهبو،
هي ڪائي جي ڪوني جڙڻ واري ناهي.

جو آيو دل و جان هارائي وينو،
محبت جي بازي کٽڻ واري ناهي.

نڌر نيهن جا نيش آهن نرالا،
هي بيماري برحق ڇٽڻ واري ناهي.

محبت آ ”مشتاق“ سودو صدين جو،
کهاٽي پڄاٽي پڄڻ واري ناهي.

★ ★ ★

## فتوائون ڇڏ

ڇڏ ڪفر جون فتوائون مسلمان رهڻ ڏي،
هِن سادڙي انسان کي، انسان رهڻ ڏي،
اسلام جي نالي ۾ نوان فتنا نئين سج
اي شيخ گنهگار جو ايمان رهڻ ڏي.

★ ★ ★

# غزل

پرين جي پيار واري عهد ۽ اقرار تان صدقي،
ڪري جي ناز سان نهن نهن، تہ ان انڪار تان صدقي.

اکيون راهن ۾ آهن دل هميشه بي قرار آهي،
سڪن تا ديد تين دلدار جي ديدار تان صدقي.

ڪيون جنهن جاءِ تنهائي ۾ مُحبن سان ملاقاتون،
انهن محبوب جاين جي در و ديوار تان صدقي.

سڄي سنسار کي جنهن سونهن بخشي سونهن جي سائين،
ٿيان صد بار ان سرڪار جي هر وار تان صدقي.

رکيائين حسن جو بنياد عرش کان بہ اعلیٰ تر،
اِنهي معيار تان صدقي، انهي معمار تان صدقي.

سڏي سوري تي تو سرڪار، سر سرڪار تان صدقي،
گهرائي دار تي دلدار، دلبر دار تان صدقي.

ملي وئي من جي مالها مُحب جي خمدار وارن ۾،
اِنهي تسبيح تان صدقي، انهيءَ زنّار تان صدقي.

محبت جو مقام آهي سعادت واري ساعت آهہ،
ڪئي ”مشتاق“ پنهنجي جان، جانب يار تان صدقي.

★ ★ ★

# غزل

زبان دل جا سمورا درد و غم اوري سگهي مشڪل،
سخن جي ساهمي خونِ جگر توري سگهي مشڪل.

هي ناهي دشتِ مجنون طئي ٿئي صحرا نوردي سان،
محبّت جي دنيا ڪو بُو الهوس ڏوري سگهي مشڪل.

اٿن جيسين نتا رڳ رڳ مان سوز و ساز جا نغما،
ڇپن سان چاهتن جو چنگ ڪو ڇوري سگهي مشڪل.

اڏي تي سر رکڻ وارا مقامِ سرمدي ماڻن،
اِنهيءَ رستي تي سڏڙيو، ساهه سر گهوري سگهي مشڪل.

ڏسي لڙڪن جي لالائي اندازو عشق جو ٿي ويو،
پتنگن کان سوا ڪو جان جند جهوري سگهي مشڪل.

ٿئي ٿو هر قدم تي امتحان گهاٽي ۾ پيڙڻ جو،
وفا جي ورد جي تسبيح ڪو سوري سگهي مشڪل.

جنون، ڦنڪن ۾ ڦاهي گهات تي ”مشتاق“ پهچايو،
هٿن پنهنجن سان پنهنجو ماس ڪو ڪوري سگهي مشڪل.

★ ★ ★

# غزل

غمزده غمگين جي ڪجھ غمگساري ڪر سجڻ،
عاشق نادار جي ڪا پوئواري ڪر سجڻ.

منھنجي اکڙين ۾ مٺا پل پر ليئو پائي تہ ڏس،
دور درشن سان سگھو ھي بيقراري ڪر سجڻ.

دل جي زخمن سان ملي ٿو زندگي کي نئون سرور،
مون تي پنھنجا قرب اھڙا عمر ساري ڪر سجڻ.

خون منھنجو معاف ٿئي، پر پنھنجي پرده داري لئي،
خلق ۾ رسمي طرح ڪجھ آه و زاري ڪر سجڻ.

تنھنجي گھايل جو حڪيمن حاذقن وٽ ڇا علاج،
پنھنجي ھٿڙن ساڻ خود تيمارداري ڪر سجڻ.

آزمائيندين اجان ”مشتاق“ کي تون ڪيترو،
پل ڏگھي ھي قھر واري رات ڪاري ڪر سجڻ.

★ ★ ★

# غزل

سڄڻ دل منهنجي چيري پاڻ پڙهه تون داستان دل جا،
اکر کهڙي طرح سان تي سگهن تا ترجمان دل جا.

فلڪ تي رات جو آهي رڳو تارن سنڌي جُهرمر،
مگر زخمن سان روشن رات ڏينهن تيا آسمان دل جا.

ڪٿي هڪڙي نظر دلبر وڌا دل ۽ جگر جهوري،
خبر ناهي اجان ڪهڙا رهن تا امتحان دل جا.

رهي ٿو اصل ڪان ئي عقل جو ۽ عشق جو جهيڙو،
خرد جي سمجهه کان ٻاهر مڪان ۽ لا مڪان دل جا.

ڏنا پنهنجن ئي پنهنجائپ ۾ غيرن کان گهڻا صدما،
ٻڌايان ڪهڙا مهربان نامهربان دل جا.

قلم ڪاغذ ڪٿي تو ڏي لکڻ چاهيم ٿي خط ليڪن،
وري سوچان ٿو ڪهڙا سور ڏک تو ڏي لکان دل جا.

گهڻا حيلا هلايا حاذقن حالت رهي ساڳي،
ٻڌايو چاره گر آٽيان يلا ڳولي ڪٿان دل جا.

مون دل جا گهاءَ دل ۾ ئي سنڀالي سڀ رکيا آهن،
نشان منزلُ جو آهن دوستو سارا نشان دل جا.

پري آهي اکين کان پر رهي چانيل تصوّر ۾،
ٿين محبوب سان "مشتاق" جا ميلا نوان دل جا.

★ ★ ★

# غزل

ڪڏهن ٿيندي غلامن تي نوازش جي نظر ساقي،
گهران ٿو بس دلِ بيتاب ۽ دردِ جگر ساقي.

نگاهِ فيض ڪي جنبش ۾ آٽي پوءِ تماشا ڏس،
تہ ڪيئن تقدير بدلائي ڇڏي تي هڪ نظر ساقي.

هي ميخاني جو ناهي شان مستانا وڃن خالي،
نهي ٿو تنهن جا ديوانا هجن هيئن دربدر ساقي.

اکين جا لڙڪ خدمت ۾ ڪٽي آيس عقيدت سان،
اگر چاهين تہ قطرو قطرو ٿي ويندو گهُر ساقي.

غلامن تي غصو شانِ ڪريمي جي خلاف آهي،
شهنشاهن ڪي رڪٽي پوندي آهي پنهنجي پَر ساقي.

شڪسته پر ڪي جي پرواز جي توفيق تو بخشين،
غبارِ راه منهنجي هوندا، هي شمس و قمر ساقي.

انڌيرن ۾ ٿو ڀٽڪان روشني جي جستجو آهي،
شبِ تاريڪ ۾ ايندو ڪڏهن نورِ سحر ساقي.

رهي ”مشتاق“ چو محروم ڪوءِ يار ۾ هوندي،
جڏهن آباد آهن تنهنجي دم سان جهنگ جهر ساقي.

1966ع

★ ★ ★

## غزلُ

نئين تاريخ جو نئون داستان، نئون باب ٿيندو،
قلم ۾ هاڻي استعمال خونِ ناب ٿيندو.

وِڄُن وانگر ڪبو محشر بپا چؤطرف گڏجي،
رڳُن جو ڏڙڪو ڏڙڪو صورتِ مضراب ٿيندو.

ستم گر کي سبق سيکاربو، اُن جي ستم جو،
هي دريا دل جڏهن موجون هڻي بيتاب ٿيندو.

نہ ٿيندو حسن پنهنجو پاڻ جيسين خود شناسا،
حريصن جي هميشه دام ۾ بي آب ٿيندو.

وضو خونِ جگر سان جو ڪري آيو نمازي،
اهو سجدو بلاشڪ زينتِ محراب ٿيندو.

ڪنائي ڪنڊ ڪرڇي آ وطن جي آبياري،
تڏهن پنهنجو چمن سرسبز ۽ شاداب ٿيندو.

جو سر ڏيندو سو ٿيندو سنڌ جي قسمت جو مالڪ،
نہ ساڳيو پير يا سردار يا ارباب ٿيندو.

هي قاهي گهاٽ قيد و بند جي سختي هي ڦٽڪا،
گلي لائيندو جيڪو سورمو، سرخاب ٿيندو.

جو همت سان انڌيري رات جي سيني کي چيري،
هلالِ عيد تي آيو سدا مهتاب ٿيندو.

قدم ناپاڪ منجي ويندا دشمن جا وطن تان،
جڏهن هر سنڌ واسي رستم و سهراب ٿيندو.

يقين آهي غلامي جا سيئي زنجير ڪٽبا،
اِجهو شرمندهِ تعبير پنهنجو خواب ٿيندو.

رهن شل اهلِ دل جون محفلون "مشتاق" قائم،
سجاڳي لاءِ هي شعر و سخن اسباب ٿيندو.

# غزل

اکڙين ۾ ڪري سير ڪڏهن دل جي چمن ۾،
سرهاڻ رهي جهڙي طرح گل ۽ پنن ۾.

سيرت کان سوا حسن ٿيو نانگ نسورو،
سهڻا تا پسون ٿوهر سوين روز پٽن ۾.

وارن ۾ ويو قيد ٿي رخسار جي ويجهو،
آهوءِ نظر پاتا جڏهن پير ڳلن ۾.

مشتاق پيئن روز وجي امرت ڏارا،
محبوب جا ميخانا ڪليا چاهِ ذقن ۾.

لب لب تي رکان تو تہ خدا ياد اچي ٿو،
نشي جا نوان رنگ ڏٺم تنهنجي چپن ۾.

هر هڪ جي نصيبن ۾ ڪٿي زلف جا پيوند،
قسمت جا ڏٺي پهتا وجي دار و رسن ۾.

پاڪر جي حرارت ۽ بلاخيز جواني،
ڪنهن تيل وجهي باهہ ڏني چٽڪ، ڪکن ۾.

ڏوراپا ڏيان توکي پلا ڪهڙا ستمگر،
دل پنهنجي جڏهن ناهي رهي پنهنجي هٿن ۾.

مجنون کان پڇو صحرا نوردي جو فسانو،
موجود رهي منهنجو صنم جان ۽ من ۾.

بازار محبت ۾ خريدار هزارين،
ڳولئي نہ لين ساهہ ڏيڻ وارا سون ۾.

”مشتاق“ چڙيو ان جو جڏهن ذڪر زبان تي،
ميناج تڏهن کان تو ڏسان شعر و سخن ۾.

# غزل

جنهن گهڙي آيو يار اکڙين ۾،
ٿي ويو عيد وار اکڙين ۾.

قرب جون کوڙکيون کندا ڪڙيون،
حسن جا رَڇ ۽ چار اکڙين ۾.

نبض ٿي بند دل بہ رڪجي وئي،
پر اجان انتظار اکڙين ۾.

هڪ نظر سان حجاب جا پردا .
ٿي ويا تار تار اکڙين ۾.

ٻهڪي غربت زده شباب ۾ ٿي،
زندگي جي بهار اکڙين ۾.

ميڪشن جام ٽوڙي اڇلايا،
خاصا پائي خمار اکڙين ۾.

مرڪندي مرڪندي ٿين بسمل،
اهلِ دل لک هزار اکڙين ۾.

چاره گر هر علاج آهي فضول،
جيسين آ انتشار اکڙين ۾.

ناصحا عاشقي تجارت ناهہ،
مطمئن جان نثار اکڙين ۾.

ناهيٰ تير و ڪمان هٿن ۾ ڪٿي،
تير ترڪش تيار اکڙين ۾.

ڪير آسودگي نٿو چاهي،
سڀ ڪو بي اختيار اکڙين ۾.

پنهنجي "مشتاق" ڪي منا سائين،
پر پيالا پيار اکڙين ۾.

★ ★ ★

# غزل

سچڻ جي هٿن ۾ نشان قتل جو،
رهي ٿو هميشه گمان قتل جو.

نہ خنجر، نڪي تير ڀالا هليا،
ڪيان يار ڪهڙو بيان قتل جو.

نہ شاهد، نڪا ثابتي سرزمين تي،
مان فرياد ڪهڙو ڪيان قتل جو.

جدائي جا شب روز ڏاڍا ڏکيا،
سکيو سهنجو هو امتحان قتل جو.

هيا نقش خونِ جگر ڀي حسين،
مگر خوب تر داستان قتل جو.

تري تي رکي آيو ”مشتاق سر،
ارادو ڪيو مهربان قتل جو.

★ ★ ★

# كافي

عشق نہ آهي راند عشق تہ آهي سر جو سودو

-1 سيج پلنگ تي سک ڪيئن سمهنديون،
جن کي آند ۽ ماند،

عشق تہ آهي سر جو سودو.

-2 نانگ ستل تو ڇڻ جاڳائي،
جنهن ڪئي هٿ چراند.

عشق تہ آهي سر جو سودو.

-3 پرت ۾ جيڪو پير تو پائي،
ڏيندو پاء پلاند.

عشق تہ آهي سر جو سودو.

-4 ساهہ ڪري "مشتاق" تو صدقي،
سِسي نيزي پاند.

عشق تہ آهي سر جو سودو.

★ ★ ★

# غزل

لا اِلٰه تنهنجي ۾ پوشيده لکين لات و منات،
تنهنجي الاّ الله ۾ آهن سمايل سومنات.

پارسائي جي لبادي ۾ حرم جا پاسبان،
کيترا ناحق ڪرين صيدِ حرم ٿو ڏينهن رات.

تنهنجي قول و فعل ۾ جڻ رات ڏينهن جو آ تضاد،
صورت انساني مگر سيرت ۾ شيطاني صفات.

عالمِ ملڪوت جي ڪهڙي خبر ان شخص کي،
جنهن جي نظرن ۾ فقط آهي جهانِ شش جهات.

سچ چوڻ ۾ سچ ٻڌڻ جي لاءِ دل گردو کپي،
آهي ابن الوقت جو مقصد رڳو قند و نبات.

تنهنجا سجدا بي حضور ۾ تنهنجو شيوه بت گري،
ورنہ مومن جي تہ هر شب آهي گويا شب برات.

عشق رڳو ”مشتاق“ شرع و دين جڻ ڪاغذ جا گل،
جي ڪجهن پردا وسيع آهي خدا جي ڪائنات.

★ ★ ★

# غزل

سياه قانون کي آئين جو اعلیٰ مقام آهي،
نئين انداز ۾ جمهوريت جو اهتمام آهي.

سياسي اقتصادي ۽ سماجي حق تلف آهن،
هي آزادي جي نالي ۾ غلامي جو نظام آهي.

خبر ناهي تہ ڪهڙو حشر اهلِ ذوق جو ٿيندو،
هتن ڪم ظرف جي ۾ گردشِ مينا ۽ جام آهي.

زمانا مئي ۽ ميڪش جي اجان توهين چا ٿيندي،
حوالي ٿي ويو ڪم بخت جي ڪاس الڪرام آهي.

تعيّن سمت جو ٿيندو، نہ رخ قبلي طرف هوندو،
جڏهن خود راه ڪان بي راهہ پنهنجو پيش امام آهي.

ڏسي حالت چمن جي اڄ قفس جا ڏينهن ياد آيا،
بنايو گردشِ دوران غلامن جو غلام آهي.

وطن وارا ويا امن و امان انصاف سڀ لٽجي،
نہ عزت دار جي عزّت، نہ ڪنهن جو ننگ و نام آهي.

متان سمجهو تہ هي اڳتي هلي يڪتا گُهر ٿيندو،
هي ناهي قطرهِ باران هي نطفۂ ناتمام آهي.

★ ★ ★

# غزل

قافلا نڪتا تہ منزل دور ناهہ،
دريا اڪري وڃبا ساحل دور ناهہ.

منهنجا هٿ هُن جي گلي ڏي پيا وڌن،
هاڻي مونکان منهنجو قاتل دور ناهہ.

جيڪڏهن پنهنجي محبت آ سچي،
پل هجون ڪوهين پري، دل دور ناهہ.

تنهنجي منهنجي عشق جي واڪاڻ ۾،
ٿي وڃن آيات نازل دور ناهہ.

دوست در پيٺا ڏئي ”مشتاق“ تو،
نيٺ منزل ٿيندي حاصل دور ناهہ.

★ ★ ★

## ڪامياب سياستدان

هتي جمهوريت ڪي ناهہ خطرو،
هميشه وردي جي جنهن ڪي حفاظت،
سياستدان اهو ئي سوڀ ماڻي،
ڪري وردي جي پاڇي ۾ سياست.

# غزل

جياريو اڇي جان بي جان کي،
ڳٽيان وينو احسان احسان کي.

نہ ڏسبا محبت ۾ سود و زيان،
نکي سڏبو نقصان نقصان کي.

ڏنگي تو نہ ڏينيو کي ڏينيو ڪڏهن،
ڏکائي تو انسان، انسان کي.

نہ معيار ماڻهو جو آ ماڻهپو،
وٺي اڄ تو شيطان، شيطان کي.

صحيفو سڄڻ جي چپن تي ائين،
چمي جٽڪ قرآن، قرآن کي.

ستمگر ستم تي ستم تو ڪري،
وڌائي تو ارمان، ارمان کي.

وئي عمر صحرا نوردي ۾ سڀ،
ڳلي لاتو ويران، ويران کي.

جي خود بي خبر سي تيا راهبر،
پڏائي تو نادان، نادان کي.

تيا پاڻ ۾ جڻ ڪتو ۽ فقير،
سهي ڪونہ دربان، دربان کي.

ڀہ درويش هڪ نان ۾ خوش رهن،
وٺي ڪونہ سلطان، سلطان کي.

تيا تنهن جا شيدا امير و فقير،
ملامت ڇو ”مشتاق“ مستان کي.

# غزل

توکي پنهنجو خدا ڪري تہ ڏسان،
زندگي خوش لقا ڪري تہ ڏسان.

تون پلي ڪر پيو جفا تي جفا،
مان وفا تي وفا ڪري تہ ڏسان.

تنهنجي بخشش جي مون ٻُڌي تعريف،
مان بہ ڪائي خطا ڪري تہ ڏسان.

جان نذراني طور پيش ڪري،
عشق جي ابتدا ڪري تہ ڏسان.

مان خريدار حُسن يوسف تي،
بي بها جي بها ڪري تہ ڏسان.

دل جگر داءَ تي رکي "مشتاق"،
مان بہ سر جي سخا ڪري تہ ڏسان.

★ ★ ★

# غزل

نگاهن ۾ جڏهن ساقي جي پيمانا نظر ايندا،
تہ مسجد توڙي مندر منجهہ ميخانا نظر ايندا.

اهائي پرک رندن زاهدن جي درميان هوندي،
جڏهن سوري تي سڏ ٿيندا تہ ديوانا نظر ايندا.

بهارن جي فضائن ۾ تہ وتندا پونئر واسيندا،
برهہ جي باهہ جي شعلن ۾ پروانا نظر ايندا.

هميشہ عاشقن جا سر اڏي تي هوندا سينگاريل،
مگر سڌڙين جي سيراندي ۾ سرهانا نظر ايندا.

نہ ها ساٿي سفر جا پوءِ بہ منزل تي وڃي پهتا،
رڳو راهن تي رڙهندا توکي مستانا نظر ايندا.

برابر زهد و تقويٰ ۾ دلاسا حور و غلمان جا،
مگر ساقي جي در وحدت جا خم خانا نظر ايندا.

وفا جي راهہ جو هر امتحان مشڪل کان مشڪل تر،
مصيبت وقت توکي پنهنجا بيگانا نظر ايندا.

املهہ موتي ملن ٿا اهلِ دل جي آستاني تي،
گدا جي گودڙي ۾ شان شاهانا نظر ايندا.

حقيقت چا ٻڌايان توکي حضرت عشق وارن جي،
ڪڏهن ديوانا لڳندا ۽ ڪڏهن دانا نظر ايندا.

مقامِ سرمدي "مشتاق" مستانا ئي ماڻيندا،
هتين خالي هتي فهميدا فرزانا نظر ايندا.

# غزل

قدم پنهنجا پري آيو، جڏهن محبوب محفل ۾،
خطا ٿيا هوش، ڪونهي فرق عاقل ۾ ۽ جاهل ۾.

ڪڏهن ناهي ڏٺي مون دوستو جادوگري اهڙي،
جو ڌڙڪي منهنجي سيني ۾، رهي دل يار جي دل ۾.

پروڙي ڪين سگهبا راز هرگز عشق وارن جا،
رهن مسرور موجن ۾، مگر مغموم ساحل ۾.

خبر ناهي ته ٻيهر خونِ ناحق ڪيترا ٿيندا،
اڃان موجود آهي ساڳيو خنجر دستِ قاتل ۾.

طلب ڪي ٿا ڏين ترجيح محبوبن ملڻ بدران،
مسافر ٿي رهن ”مشتاق“ هردم راهِ منزل ۾.

★ ★ ★

## صوبائي خودمختياري

اها صوبائي خودمختاري آهي،
ته توکي مان نندو پائر تو سمجهان،
اسان جو گهر، ته آهي ئي اسان جو،
اوهان جي گهر کي پنهنجو گهر تو سمجهان.

# غزل

وفا جا عهد ٽوڙي خود بخود جو خان تي ويندو،
ڏسي انجام ان جو هر بشر حيران تي ويندو.

مِلي نااهل کي مسند بپا بحران تي ويندو،
چمن چيرن حوالي ٿيو ته پڪ ويران ٿي ويندو.

حيا ۽ شرم کان شيطان پيي شرمائجي ويندو،
جڏهن انسان دشمن حضرت انسان ٿي ويندو.

ڪيو رستي کي رهزن، پر خطر پرخار ڄا تي پيو،
قدم ڪٽبا ته منزل جو ملڻ آسان ٿي ويندو.

ڏسڻ ۾ ٿو اچي مضبوط اندر ڪوڪلو آهي،
ڪڍياسون تير ترڪش مان، زبون زندان ٿي ويندو.

جبل تيشي سان ڪٽبو پر ڪپي فرهاد جو جذبو،
هجن دريا ۾ طوفان، پار ڪشتيبان ٿي ويندو.

اجهائي آگ جنهن تاريڪ شب ۾ شمع روشن ڪئي،
انهيءَ تي ٻچو ٻچو قوم جو قربان ٿي ويندو.

نه ڪالاباغ ٺهندو ۽ نڪي سنڌين کان سنڌ کسبي،
جڏهن رنگين منهنجي خون سان مهران ٿي ويندو.

ابابيلن مثل ايمان وارا ڪڙڪندا ان تي،
حرم تي حملو آور جيئڻ کو شيطان ٿي ويندو.

ڪڏهن قرباني ضايع ڪانه ٿيندي سرفروشن جي،
خدا وٽ شاهدي لئه پيش خود قرآن ٿي ويندو.

دمادم مست چئي "مشتاق" مقتل ڏي روانو ٿي،
رڪاوٽ دور ٿي ويندي، سفر آسان ٿي ويندو.

# غزل

عقل جا رستا علحده، عشق جي منزل الڳ،
مست موجن جا مزا پيا، لذتِ ساحل الڳ.

درسگاهِ عشق ۾ مکتب جا متوالا جدا،
رونقِ مقتل الڳ ۾ عالم و فاضل الڳ.

راهزن آيا ڍڪي اڄ راهبر وارو لباس،
ملڪ جا مُحسن الڳ ۾ قوم جا قاتل الڳ.

جيڪڏهن انصاف جي ڪرسي هجي جلّاد هٿ،
فيصلا اهلِ نظر جا، ڇا ڪندا عادل الڳ.

جنهن بہ ديواني ڪي ٿي وئي ديدهٔ مجنون عطا،
ان جي ذوق و شوق جي ليلا الڳ محمل الڳ.

راهہ ساڳي پر بنهي جون منزلون آهن جدا،
تير جا گهائل الڳ ۾ عشق جا بسمل الڳ.

رند ۾ زاهد رهي سگهندا نہ هڪڙي راڄ ۾،
همنوا هُن جا الڳ ”مشتاق“ جي محفل الڳ.

★ ★ ★

# ڪارناما لبنان وارن جا

زمانا ڪارناما ڏس اچي لبنان وارن جا،
لکيا تاريخ نئين سر داستان جن جان نثارن جا.

ڏين ٿا جان جا، جان آفرين کي روز نذرانا،
خزان ۾ پيي ڪيا منظر بپا رنگين بهارن جا.

قطارن تي قطارون هر طرف کان سرفروشن جون،
رهن ٿا منتظر هر وقت مقتل جي اشارن جا.

وسايا بم ۽ ميزائيل اسرائيل دل کولي،
خطا ڪيا حوصلا هر وقت حزب الله هچارن جا.

هيو ناقابلِ تسخير اسرائيل اڄ تائين،
مگر ڊوئي رهيو اڄ آهي هو لاشا پيارن جا.

يهودي فوج شعلا جنگ جا پڙڪايا آهن پر،
پهاڙن کان بہ اُونچا حوصلا بيڙن ۽ ٻارن جا.

فلسطين شام ۽ لبنان گڏجي جنگ جوٽيندا،
اشارا فتح جا ايندا، فلڪ تان چنڊ تارن جا.

وري بغداد وارا معجزا لبنان ۾ ڏسبا،
نظر ايندا نوان منظر، شهيدن شهسوارن جا.

جڏهن خونِ شهيدان سان ٿئي ٿي خاڪ جي نسبت،
فرشتن کان مٿي ”مشتاق“ رتبا خاڪسارن جا.

# غزل

نماڻيون نماڻيون اکيون جيئن کڻين ٿو،
سچڻ هڪ نظر سان هزارين کهين ٿو.

ٻپا اڳ ۾ محشر کان محشر ٿي ويندو،
قبر منهنجي تي پير جيڪر پرين ٿو.

ڪيا ڪيترا قيد زلفِ سيه ۾،
ڪلهن تي جڏهن وار واري وجهين ٿو.

ڪڙا ٻانهن جا جنهن نموني لُڏن ٿا،
تون ڇڻ منهنجي سوچن ۾ اُلجهيل لڳين ٿو.

تبسّم لبن تي، اکين ۾ شرارت،
زبان بند، پر رازِ دل جا سلين ٿو.

ٽلين ٿو تہ ڇڻ مور ٽلندو اچي،
هلين ٿو تہ ڇڻ ڊيل وانگر هلين ٿو.

ويا چند تارا بہ شرمائجي،
ڪٽي ڪنڌ جيئن آسمان ڏي ڏسين ٿو.

ڳچي ڪونج جهڙي ڪمر ڇڻ ڪمان،
اکين ۾ لڪين تير ترڪش رکين ٿو.

مٺا تنهنجا ناز و ادا پيي نرالا،
کهي ٿو جيارين، جياري کهين ٿو.

★ ★ ★

## غزل

پرين پردي پويان لکڻ بند ڪر،
اجايو ستائڻ سڄڻ بند ڪر.

نہ ڪر دوستي ۾ سياست سڄڻ،
ڏنا ۽ دلاسا ڏيڻ بند ڪر.

گھمين ڇو تو غيرن سان هٿ هٿ ۾ ڏئي،
پلا مون کي خط پٽ لکڻ بند ڪر.

محبّت جا مون سان وچن تو ڪرين،
رقيبن سان رغبت رکڻ بند ڪر.

قلم جي گھرين تو اگر آبرو،
تہ نادان آڏو نمڻ بند ڪر.

اڙي پير پيري کي پيشو نہ ڪر،
مريدن کان پئسا پنڻ بند ڪر.

وڪائو وڏيرن اڳيان بانسري،
وطن جي وفا جي وڄڻ بند ڪر.

ڪري سودو ڌرتي جو ڪرسي عوض،
أنهيءَ وٽ اچڻ ۽ وڃڻ بند ڪر.

جنازو نہ پڙھ اهڙي مردود جو،
مرڻ بعد پي منهن ڏسڻ بند ڪر.

چڱائي جي امّيد ڪم ظرف کان،
عقلمند آهين، ڪرڻ بند ڪر.

سچاٽپ نہ آهي سخن جي جتي،
اتي سور دل جا سلڻ بند ڪر.

رهڻ چاهين "مشتاق" مانائتو،
تہ ڪنهن وٽ سوالي ٿيڻ بند ڪر.

# جمهوريت صدقي وجان...!!

مرحبا جمهوريت صدقي وجان،
منهنجي ڏوهن جي ديت، صدقي وجان.

قوم تي ڪڙڪي قيامت جي مثال،
آمرن جي معرفت، صدقي وجان.

جنهن جي بنيادن ۾ دڙڪا دٻدٻا،
نيب جي هٿ جنهن جي ڇت، صدقي وجان.

ضلعي ناظر تعلقي يونين جي چوند،
لٺ ۽ ڄُڀٽ يا ٻوڙ پت، صدقي وجان.

قومي صوبائي ۽ پڻ سينيٽ ۾،
هوندي ساڳي مُڪ ۽ لت، صدقي وجان.

قوم جي قسمت آ ايجنسين جي هٿ،
ڪنهن کي ڪڌ ۽ ڪنهن کي گهٽ، صدقي وجان.

دنيا ۾ ناهه ڪو هن جو مثال،
سهٽي صورت ۽ جهت، صدقي وجان.

جنهن جي نئين معنیٰ ۽ مطلب لاءِ نيٽ،
ناهٽي پئي نئين لغت، صدقي وجان.

قوم رياست ملڪ جا سڀ فيصلا،
تو ڪري هڪ شخص جت، صدقي وجان.

ايندو کهڙو انقلاب عوام ڪان،
جنهن جي رب آ ماري مَت، صدقي وجان.

تنهنجي هٿ ۾ آ قلم جي آبرو،
اُن جي رک "مشتاق" پَتِ، صدقي وجان.

# يلغار ڏس

ڪاٽ گهر ڪي تو هٽي پيو گهر جو چوڪيدار ڏس،
مالڪن تي تاٽي پيو بندوق، پهريدار ڏس.

قيد سالن کان ٿيا قيدي ضمير جا ڪيترا،
قوم جا قاتل گهمن آزاد، خودمختار ڏس.

جن ڪراچي ۾ ڏنا لاشن جا تحفا قوم کي،
تن جا هينئر ناز نخرا سات ست سينگار ڏس.

قتل، ڦر آتش زني، اغوا ۽ چوري ڪيس جي،
ملزمن کي اڄ ڏنا، عهدا وڏا سرڪار ڏس.

نيب جي ڪيسن ۾ قاتل آ مخالف ڌر رڳو،
پر حڪومت ۾ مزا ماڻن پيا فنڪار ڏس.

ٻر بلوچستان، وزيرستان تي وسندا رهن،
ڪيئن ڪُٺا ويا لال مسجد ۾ ٻچا ۽ ٻار ڏس.

ملڪ ۾ بحران آندو عدليا سان هٿ چراند،
پنهنجي پيرن تي ڪهاڙي پاڻ هنئي سرڪار ڏس.

هِن کان اڳ جا عدليا جا ڪارناما ياد ڪر،
چيف جسٽس جو هينئر عزت پريو انڪار ڏس.

آهي نجڪاري ڪميشن گويا نجي ملڪيت،
بينڪن ۽ اسٽيل مل جا ڪيئن ٿيا واپار ڏس.

جيڪڏهن آهي حڪومت ۾ ته آهي پارسا،
پر مخالف ڌر ۾ سڄي ملڪ جو غدار ڏس.

چونڊ لئي پئسو کپي، سٽيي وزارت ورتي ٿم،
روڊ رستن جا اچن پيا روز ٺيڪيدار ڏس.

چونڊ ۾ پيي چونڊجي ويندس ٻنا ووٽن جي مان،
ٿيا حمايت ۾ صدر ڪوٽار صوبيدار ڏس.

ووٽرن جا لسٽ ۾ نالا نہ آهن، چا ٿيو،
چونڊجي ايندي مشرف جي سچي سرڪار ڏس.

هڪ طرف بيروزگاري، ٻيو مهانگائي گهٽي،
ٽئين طرف ڪان جيب خرچي پيا گهرن پوتار ڏس.

اسپتالون، ٿاڻا، آفيسون، ڪچهريون، ڪورٽون،
هر جڳه هڪ جهڙي آ قر مار جي بازار ڏس.

جيب ڪترن ڪان وڏا ڏاڙيل، صاحبِ لوڪ ٿيا،
جت لکن جي ۽ ڪروڙن جي ٿئي لُٽ مار ڏس.

قوم حالِ زار تي رئندي پٽيندي ٿي رهي،
پر حڪومت جي هميشه بي حسي ڪِنٽار ڏس.

نالي ماتر هئي ملي آزادي پر هينئر وري،
پنهنجي ئي ڊڪٽيٽرن جي ملڪ تي يلغار ڏس.

قوم آهي تنگ پر وردي جا صاحب ٿا چون،
هر طرف آهي اسان جي مرحبا ڪيڪار ڏس.

ڪيترو ٿيندو خدا خاموش ههڙي حال تي،
وقت ڏيندو فيصلو "مشتاق" آخرڪار ڏس.

★ ★ ★

# ڇا ٿيندو...!

بگهڙ ٿيو ڌڻ جو پهريدار، ڇا ٿيندو؟
فصل کي لوڙهو کائي يار، ڇا ٿيندو...!

حفاظت هئي ڏنل جن جي هٿن ۾،
هٿي ڌاڙو ٿو چوڪيدار، ڇا ٿيندو...!

ٿيا ڌرتي ڌڻي، جيلن حوالي،
لُٽي دولت پيو اغيار، ڇا ٿيندو...!

زمين جو اصل مالڪ آهي محروم،
ڪٽي ديرو پيو ڪمدار، ڇا ٿيندو...!

معالج جي هٿن ۾ تيز ڪاتيون،
ويو ڪاسائي وٽ بيمار، ڇا ٿيندو...!

وڪامي دين و ايمان ڪرسي خاطر،
سياست تي وئي واپار، ڇا ٿيندو...!

ٻچن جو پيٽ ڪاٽي جن کي پاليون،
اهوئي ٿو هٽي تلوار، ڇا ٿيندو...؟

عدو سان ناهه ڪا هُن کي عداوت،
اسان جي لئي وڏو آزار، ڇا ٿيندو...!

رياست جو ڌڻي سائين نہ ڪوئي،
حڪومت خود ڪري لُٽمار، ڇا ٿيندو...!

رعيت ڪنهن جي دروازي تي دانهين،
ستائي پاڻ پئي سرڪار، ڇا ٿيندو...!

نہ آفيسن ۾ آفيسر ملن ٿا،
هلائي حڪم ٿو ڪوتار، ڇا ٿيندو...!

عدالت ۾ ملي پئسن تي انصاف،
هي منظر آ سرِ بازار، ڇا ٿيندو...!

رکي استاد ٿو ٽيوشن سان مطلب،
پڙهن اسڪول ۾ ڪيئن ٻار، ڇا ٿيندو...!

هٽائي ڌاڙا ۽ جهيڙا ڪرائي،
ڪري خود فيصلا پوتار، ڇا ٿيندو...!

موالي ۽ ملان جو ناهه جهيڙو،
هي غنڊا ٽيڪس تي تڪرار، ڇا ٿيندو...!

مهانگائي، بکون، بيروزگاري،
مٿان بدامني جو آزار، ڇا ٿيندو...!

جتي جمهوريت وردي ۾ ملبوس،
اتي عوّام جو ڪم ڪار، ڇا ٿيندو...!

عدو پنهنجو، اڳي ئي آهه دشمن،
جڏهن پنهنجا ٿين غدّار، ڇا ٿيندو...!

ڇُري جن جي بغل ۾، هٿ ۾ قرآن،
هجن هڏڏوکي ۽ غمخوار، ڇا ٿيندو...!
بيان کهڙو ڪري "مشتاق" کهڙو،
اهوئي ڇهڇٽو ڇوڏار، ڇا ٿيندو...!

★ ★ ★

## ڇا ٿيندو...!

ڪراچي جهڙا جيڪر واقعا ٿيندا تہ ڇا ٿيندو،
امن جي ڌرتي تي ڪرب و بلا ٿيندا تہ ڇا ٿيندو،
نمڪ جن سنڌ جو کاڌو، پڇي ٿي سنڌ اڄ تن کان،
اگر ڪشتي جا دشمن، ناکئا ٿيندا تہ ڇا ٿيندو.

# روشن تارا

ننڍڙا ننڍڙا پيارا پيارا    روشن تارا روشن تارا
علم و هنر سان ذوق زياده    لکڻ پڙهڻ سان شوق زياده
محنت جرئت جذبي وارا    روشن تارا روشن تارا
گهر اسڪول ۽ راند جو ميدان    هر جا روشن هر هنڌ تابان
جيون هر دم جيءُ جيارا    روشن تارا روشن تارا
قوم ۽ ملڪ جو مستقبل    ماضي حال جي مشڪل حل
آٿت آس اميد سهارا    روشن تارا روشن تارا
سنڌي ٻولي پياري پياري    جيجل ماءُ جي لولي واري
ڳنڍجي سُر سان ڳايون سارا    روشن تارا روشن تارا
چوڏس چنڊ کان روشن چهرا    موتيو گلاب کان سهڻا سترا
مشڪ و عنبر کان خوشبو وارا    روشن تارا روشن تارا
مکڙي وانگر مرڪ چپن تي    مٺڙي مٺڙي لات لبن تي
نيڻن ۾ جڻ نوري نظارا    روشن تارا روشن تارا
دل سان ٿيو "مشتاق" دعاگو    هر جا ٻهڪي جن جي خوشبو
ديس تي ٿيندا وارا نيارا    روشن تارا روشن تارا

★ ★ ★

# زنده باد هاري زنده باد!!

اي ستمڪش بي سرو سامان مظلومِ جهان،
مفلسي محنت ۽مصيبت جا مدامي ميزبان،
مرحلا طئي مشڪلاتن جا ڪرين ٿو جاودان،
بينوا هاري ڪيا تو پاس ڪيڏا امتحان،

مبتلا تون هر مرض مهلڪ ۾ آهين دم بدم
ظاهري حالات شاهد، ڇا لکي منهنجو قلم.

قوم جي خوشحالي خاطر ٿو رهين بدحال تون،
ديس آسودو رکين توڙي هجين ڪنگال تون،
مال دولت سان ڪرين ٿو ملڪ مالا مال تون،
روز شب جاري رکين پنهنجون پلايون پال تون،

قدر ڪونهي تنهنجي هِن سرتوڙ ڪوشش جو مگر،
ڪو تري هيٺان لڪائي ڪيئن سگهي ۽شمس و قمر.

تون سياري جي ۾لُرين ۾ ٿو ڪرين سينو سپر،
اونهاري جي لُکن آڏو رکين جيرو جگر،
واءُ مينهن جي مصيبت ٿو سهين تون سر بسر،
ڪونہ ساعت سک سمهين، هردم رهين ٿو رهگذر،

تون زماني جي عذابن گردشن ۾ مبتلا،
سور صدمن جو سراپا تون جفاڪش جابجا.

زندگي ساري گذارين مفلس و نادار ٿي،
ڪين خوش پوشاڪ پهرين، تن تي ليڙن لار ٿي،
عيد شادي تي سنڌ؏ خوراڪ ڏٿ ۽ ڏار ٿي،
لادوا ٿي پڪ مرين، جيڪر پوين بيمار ٿي،

هاءِ تنهنجي حال جو همدرد هڏڏوڪي سڄڻ،
مون ڏٺو دنيا ۾ جاچي، پر نہ ڪو آيو ڏسڻ.

رات ڏيهان چور رهزن ٿو تڪي تنهنجو ڇپر،
گاهہ گردن تي ڪٽي ڊائين وڏيرن جا خچر،
تنهنجي مارڻ واسطي ايري ٿو ڪاريهر جو ڪر،
حاڪمن جو آ غضب تنهنجي مٿان شام و سحر،

تنهنجي گهر جو در پڇائيندي اچي ٿي هر بلا،
ڪاش مشڪل ۾ نہ آهي، تنهنجو ڪو مشڪل ڪشا.

تنهنجي محنت مان مزا ماڻي پئي دنيا تمام،
تون رهين فاقه ڪشي ۽ تنگ دستي ۾ مدام،
تو ڪمائين ڪيميا پر قرضدارن جو غلام،
مُدعي نيلام ڪن ٿا مال تنهنجو صبح و شام،

دائما ”مشتاق“ جو آ وردِ دل، وردِ زبان،
شال زنده باد، زنده باد، هاري هر زمان.

★ ★ ★

# غزل

رکي تم يار سان ياري، ڏسي رهجي تہ چا تو ٿئي.
سڄڻ کي دل ڏنم ساري، ڏسي رهجي تہ چا تو ٿئي.

بنا وعدِ وفا، عاشق اڙائي اک عجيبن سان،
کري شل هو وفاداري، ڏسي رهجي تہ چا تو ٿئي

ڇُٽڻ جو آسرو اميد هرگز ناهہ مون کي جو،
لڳي وئي دل جي بيماري، ڏسي رهجي تہ چا تو ٿئي.

سڄڻ جي سور صدمن سان، ويا سينگار سُک سارا،
وسايان روز شب واري، ڏسي رهجي تہ چا تو ٿئي.

عزيزو موڪلايو جو بڇڻ منهنجو آ ياڳن تي،
لڳو ڏک آهي ڪاپاري، ڏسي رهجي تہ چا تو ٿئي.

منا "مشتاق" کي نامِ خدا پنهنجو مُلاقي ڪر،
ڪيان تو آه و نيزاري، ڏسي رهجي تہ چا تو ٿئي.

★ ★ ★

## غزل

دلربا جي دام ۾ دلڙي اڙايون ٿو وڃان،
سور سيني ۾ سڄڻ جا سڀ سمايون ٿو وڃان.

هاءِ قسمت جو حياتي جو خزانو بي بها،
ناز پرور جي نظر عيوض لٽايون ٿو وڃان.

عشق جي آڙاهه اندر ۾ اڙائي جان مون،
هن مرض مهلڪ جو من ۾ مچ مچايون ٿو وڃان.

رات ڏينهن ڏک درد دل ۾ تا سوين سامائجن،
سور صدمن ساڻ ويتر پيچ پايون ٿو وڃان.

شل نوازش سان نوازين اڄ منا "مشتاق" کي،
حال لاغر کي اجان لاغر بڻايون ٿو وڃان.

★ ★ ★

## پيغام کهڙو...!

ڪراچي ۾ ڏنو پيغام کهڙو،
ڪيو سازش سان قتلِ عام کهڙو،
پڇن تا اڄ سچل، سامي، پنائي،
محبّت جو ڏنو انعام کهڙو.

# غزل

پريشاني جو عالم آهي هر اِک اشکبار آهي،
جو آهي بيقرار آهي، جو آهي حالِ زار آهي

امن جي ڌرتي تي ڪنهن ديو جو پاڇو ويو پئجي،
ويو لٽجي سڪون آهي، دلين ۾ انتشار آهي

رڳو بُحران ئي بُحران آهن پنهنجي قسمت ۾،
اميدن جو گريبان چاڪ، دامن تار تار آهي

چمن ۾ ناهه سا رونق، نڪا خوشبو گلن ۾ آ،
خزان جي رنگ ۾ تشريف فرما تي بهار آهي

شرافت اهليت ايمانداري موڪلائي وئي،
رڳو ڪرسي کي عزت آ يلي ڇُهڙو چمار آهي

سچا ڦاهي چڙهن تا، يا ٽين تا ڪاچ گولي جو،
هلي ٿو حڪم ڪوڙن جو، برو بااختيار آهي

جتي آئين، آمر جي هٿن ۾ آهي رانديڪو،
اُتي آئين ۽ قانون جو ڪهڙو وقار آهي

عدالت خود هجي جنهن راڄ ۾ انصاف جي طالب،
اُنهيءَ عدليہ جي ڪهڙي فيصلي تي اعتبار آهي

ڪري جمهوريت جو فيصلو بندوق جي نالي،
اِنهيءَ جمهوريت جي هٿ، عوامي اقتدار آهي

خبر آهي تہ جو ”مشتاق“ بوليندو نشان ٿيندو،
ڏنو هر دور، هر منصور کي اعزازِ دار آهي

★ ★ ★

# انهيءَ ۾ ڪو بہ شڪ ناهي...!!

ازل کان يار سان الفت، انهيءَ ۾ ڪو بہ شڪ ناهي،
قيامت تڪ رهي قربت، انهيءَ ۾ ڪو بہ شڪ ناهي.

ڪيا مدهوش سڀ مينوش ساقي سرڪ هڪڙي سان،
رکن عرشِ برين رفعت، انهيءَ ۾ ڪو بہ شڪ ناهي.

سڄڻ جو اهڙو اعلىٰ مرتبو ۽ مان، جو هُن جي،
رضا تي ٿي هلي قدرت، انهيءَ ۾ ڪو بہ شڪ ناهي.

ڪيو قالو بلىٰ ۾ قول مون تنهنجي غلاميءَ جو،
ڪيان ڇو غير جي طاعت، انهيءَ ۾ ڪو بہ شڪ ناهي.

ڇڏي شاهي هزارين تاجور تو در گداگر ٿي،
ادا هر وقت ڪن خدمت، انهيءَ ۾ ڪو بہ شڪ ناهي.

ملڻ معراج ۽ پيغام جڻ الهام تو سمجهان،
قيامت آهي ٿي هجرت، انهيءَ ۾ ڪو بہ شڪ ناهي.

تون عُشاقن جو آهين جانِ جان، تنهنجي جدائي ۾،
ڪري ٿو روح جڻ رحلت، انهيءَ ۾ ڪو بہ شڪ ناهي.

رضا تي ٿو رهان راضي، ڪيان مان ڇون چرا ڪهڙي،
سڄڻ سان ناهہ ڪا حُجّت، انهيءَ ۾ ڪو بہ شڪ ناهي.

مريضِ عشق کي چاهِ ذقن مان ڏي دوا دلبر،
حڪيمن جي نہ هٿ حاجت، انهيءَ ۾ ڪو بہ شڪ ناهي.

انڌيري رات ۾ چمڪات ڇهري جا ڏسي پانيم
ڪئي شمس الضحىٰ طلعت، اِنهيءَ ۾ ڪو نہ شڪ ناهي

ڏنو ايوان کي اهڙو شرف آمد عجيبن جي
ڪري ٿي رشڪ پڻ جنت، اِنهيءَ ۾ ڪو نہ شڪ ناهي

صبا آندو پرين جي پار کان اهڙو سنيهو اڄ
ملي ”مشتاق“ کي راحت، اِنهيءَ ۾ ڪو نہ شڪ ناهي

1964ع

★ ★ ★

## وڏا ماڻهو

پري کان وڏا ماڻهو ڏسجن ٿا ليڪن،
جي ويجهو وڃو ڏاڍا ننڍڙا لڳن ٿا،
مگر ڪيترا ننڍڙا ماڻهو پري کان،
جي ويجهو، اچن ٿا، تہ وڏڙا لڳن ٿا.

## ڏوهہ آهي

چور کي چور چوڻ ڏوهہ آهي،
ظلم کي زور چوڻ ڏوهہ آهي،
ڪانگ جنهن دور ۾ ڪوئل سڏجي،
مور کي مور چوڻ ڏوهہ آهي.

## چو تلوار سان مطلب

نکا اقرار جي خواهش، نکو انڪار سان مطلب،
اسان کي آ فقط دلدار جي ديدار سان مطلب.

نکي تسبيح سان مطلب، نکي زنار سان مطلب،
رهي تو عاشقن جو گيسوئي خمدار سان مطلب.

چيم ٻانهون ٻڌي سهڻا مدايون معاف ڪر منهنجون،
خطا ڪر بخشش ڪهڙو گفتگو بسيار سان مطلب.

خوشي سان ڏک قبولي مان رکان ٿو شڪ جون اميدون ٿو،
ڏسو گل واسطي رکٽو پوي ٿو خار سان مطلب.

ڏسي تنهنجي عطا پنهنجي خطا کي خير ٿو سمجهان،
نه دوزخ جو اٿم خطرو، نه استغفار سان مطلب.

شفايابي شفاخاني لبن جي تان لکن ورتيؐ،
تيس بيمار تڏهين، جو رکين بيمار سان مطلب.

هٽين تير نظر رستم هزارين تون هٽائين ٿو،
پلا "مشتاق" لاغر لاءِ چو تلوار سان مطلب.

★ ★ ★

# اجان پير هُدا آهن...!

طريقت معرفت وارا اجان پيرِ هُدا آهن،
حقيقي راه جا سي راهبر ۽ رهنما آهن.
پرين پارس، پتل جي دل، بنائن سون خالص تا،
مُرَبّي ملڪ ۾ موجود، مثلِ ڪيميا آهن.
اُهي توحيد جي تلقين سان ڪن صاف سينا تا،
صفائي باطني جي واسطي، صيقل صفا آهن.
جهالت جي انڌيري ۾ عجب چؤطرف ڪان روشن
هدايت جا ستارا پر ضيا جلوه نما آهن.
ڪڍي شبها ڏسين دل جي اکين سان جيڪڏهن ناقد،
اجان دنيا ۾ روشن قلب ڪي مردِ خدا آهن.
انا الحق جا هٽي نعرا سهن صدما پلا چو تا،
بقا بالله جي منزل اتي فاني فنا آهن.
خدا جي ذات جو مسڪن ٿئي مومن جي دل جيڪر،
اتي اقصىٰ ۽ بيت الله ۽ عرشِ عُلىٰ آهن.
وليّن کي خدا پاران اجازت تي عطا اهڙي،
اهي "مشتاق" مشڪل وقت ۾ دستِ دُعا آهن.

1956ع

★ ★ ★

# دوستي بس دنگ ٿي...!

اي مه جبين، ماهِ بدر، اڄ دوستي بس دنگ ٿي،
اي شوخ دل، رخ خوبتر، اڄ دوستي بس دنگ ٿي.
جا رات ڏينهان تات تن ۾، ساهه سر کي سک سدا
ساري محبت درگذر، اڄ دوستي بس دنگ ٿي
جو سوز سيني ۾ سمايل هو صنم سک شوق جو،
سو راز الفت ره گذر، اڄ دوستي بس دنگ ٿي.
گلشن محبت جي اندر، اهڙي خزان آندي اٿئي
بلبل ڪيو سعيو سفر، اڄ دوستي بس دنگ ٿي
مان ٿي رُنس ڪيهون ڪري، ڪڏ روز شب ساري صنم،
سا درگذر سک سربسر، اڄ دوستي بس دنگ ٿي.
تارا ڪتيون ويڙا لهي، جو ڪين آئين دلربا،
سعيو ڪيو صادق سحر، اڄ دوستي بس دنگ ٿي
دلبر ڏکايا دونهان ڏک جا، تو هيا دل جي اندر،
ٿي خاڪ ويو جيرو جگر، اڄ دوستي بس دنگ ٿي.
مون درد جون دانهون ڪيون، پر سنگ دل صاحب جفا،
توکي نہ ٿيو ڪوئي اثر، اڄ دوستي بس دنگ ٿي
جو شوق مان جامِ محبت، روز شب پيتم مَنا،
سو زهر ڪان پيي زهر تر، اڄ دوستي بس دنگ ٿي.
مان جهنگ جهر ۽ سنگ خارا، بحر و بر ۾ ٿي رُنس،
شاهد ٿيا حجر و شجر، اڄ دوستي بس دنگ ٿي
مون کي وفا جو آسرو، پر دلربا تو ۾ جفا،
هي آه کهڙو قهر ير، اڄ دوستي بس دنگ ٿي.
توکان خطائون بخشرايان، دلربا ٻانهون ٻڌي،
"مشتاق" تان لاهج ڏمر، اڄ دوستي بس دنگ ٿي

جولاءِ 1954ع

# پر فرصت نہ آھ...!!

تا وجن برسات جي ڦڙ ڦڙ منجهان پرجي دريا،
تا وجن تيشي سان ٽڪجي سنگ خارا ميلها،
تا وجن لکجي الف بي جي لکڻ سان لک صفحا،
مان بہ جيڪر وصف تنهنجي ڪجھ لکي ويندس ذرا،
آھ تي نوڪِ قلم تيّار، پر فرصت نہ آھ...!!

مرھجي موتيو گلاب ۾ بوءِ ۽ سرھاڻ پيي،
مرھجي تابان سج ۽ چند جي چانداڻ پيي،
مرھجي درّ عدن لعل و گُھر جي کاڻ پيي،
تو ڏسان جو ڏيھ ۾، آ يار جي پيرن پٽي،
مان ثناگر تي رھان دلدار، پر فرصت نہ آھ...!!

ڪير ثاني آبِ زمزم آبِ ڪوثر کي چوي،
ڪير ثاني زندگي جي آبِ اطھر کي چوي،
ڪير ثاني سينٹ سرھي عطر و عنبر کي چوي،
آ منو شھد و شڪر کان آبِ غب غب يار جو،
مان پيان سو شوق سان ھڪ وار، پر فرصت نہ آھ...!!

مان وجي بادِ صبا جو ڀي ڪيان نئڙي نياز.
مان وجي ڪڪرن سنتو واڄٽ سٽان جو دلنواز.
مان وجي چنڊول چيهن جو ٻڌان ڪجھ راءِ راز.
جي وري آيا وطن محبوب جي ڪان اڄ هلي.
مان نہ تن ڪان پل ٽيان هڪ ڏار، پر فرصت نہ آھ...!!

تو ٿئي بلبل ڀلا گل جي مٿان حيران ٿو،
تو ٿئي قربان بجلي، شمع تي پروان ٿو،
تو ٿئي ڪنگو، پُسين تي پونئر سرگردان ٿو،
عڪس، گل، بجلي، پسين تي خاڪ پاءِ يار جو،
سو بنايان سرمهِ سينگار، پر فرصت نہ آھ...!!

جيئن ڇڏي ٿي ماڪ گُلڙن جا پيالا پُر ڪري،
جيئن پهاڙن جي مٿان تي برف گرميءَ ۾ ڳري،
جيئن وهائي واھ بادل پوڻ تي بوندون پري،
جيئن رُئي "مشتاق" تو دولاب ڪوهاڏي مٿان،
تيئن وهايان مان بہ نيٽين نار، پر فرصت نہ آھ...!!

1955ع

★ ★ ★

# غزل

ڪيان تو حالِ دل حاضر وٺي نامِ خدا اوّل،
پڙهو دل سان حقيقت هي لڪان جا ماجرا اوّل.

ڪيان توصيف تو اڄ شاهه خوبان جي ادب سان مان،
ڏجو ڪجهه داد هن اظهار تي اي همنوا اوّل.

مٺي محبوب جو چهرو چوان مان چنڊ چوڏس جو،
سيه چشمن مٿان قربان ڪيان هر دوسرا اوّل.

تليهر زلف ڪارا عاشقن ڪي تا ڏنگن هر هر،
پرن جي ڏار سان تو لڪ منا آهن ڪُنا اوّل.

اکيون ڪاريون ڪجل ريءَ لال لب آهن بنا سُرخي،
ڳلن تي ڪاري تر آهن ڪيا ڪيئي فدا اوّل.

عطر ۽ مشڪ عنبر ڪان، سڄڻ سرهو پڳهر تنهنجو،
وٺائج واس هم آغوش ٿي، مونسان منا اوّل.

اجان ”مشتاق“ ڪي مشتاق تون ڪيسين بنائيندين،
خدا لڳ ڏي مريضِ عشق ڪي دلبر دوا اوّل.

1954ع

★ ★ ★

# موسم بهار آئي...!!

گل ڦل ٽڙيا چمن ۾، خوشبو ڪلي گلن ۾، سرهاڻ وه وڻن ۾، هي ٻات بلبلن ۾،

آئي اڄها هي آئي، موسم بهار آئي

ٻاڏ صبا ڳهلي ٿي، غنچه چمن ڳلي ٿي، قمري ٿي خوش ڪِلي ٿي، لولي مني سلي ٿي،

مولا ڪئي پلائي، موسم بهار آئي.

برسات بوند جاري، گلشن ڪئي بهاري، سرسبز سيڪا ٿاري، رونق رهائي ساري،

چڙين جي وات وائي، موسم بهار آئي.

سهڻا ڦڙا ڦلن تي، چمڪن ائين گلن تي، گولا ٻرن صحن تي، موتي پيا پٽن تي،

ڪوئل ڪبڪ رهائي، موسم بهار آئي.

نرگس شبو بنفشو، سنبل گلاب گوتئو، سوسن سمن ۽ موتيو، ڦوهارجي ته ڦريو،

پونئرن هي لات لائي، موسم بهار آئي.

سرسبز جهنگ ۽ جهر پسجن پيا ٿا چوڌر ”مشتاق“ پاڻ پرور، سائي ڍڪائي چادر،

هر جاءِ خوشنمائي، موسم بهاز آئي.

مارچ 1956ع

★ ★ ★

# غزل

سوز ۾ سينو سڙي تو طالبِ ديدار جو،
روزِ محشر کان زياده روزِ هجرت يار جو
جيڪڏهن پنهنجو رخ زيبا ڪري ظاهر سڄڻ،
شوق ٿيندو ڪنهن کي چو پوءِ چنڊ جي اظهار جو.
مٽ پگهر محبوب منهنجي سان نہ ڪا سرهاڻ آهہ،
نافِ ايران آهي گهٽ ۽ مشڪ گهٽ تاتار جو.
يار جي پيرن پٽي، آئي ڪٽي بادِ صبا،
جنتي مٽ هير ناهي، پر شفا هبڪار جو.
آبِ زمزم آبِ ڪوثر جي نہ مون کي گهرج ڪا،
شل ملي مون کي پگهر، محبوب جي رخسار جو.
رخ سندس گلشن چوان، بلبل نہ مان هرگز ٿيان،
مالهي ٿي شل گذاريان، مان سندس گلزار جو.
سوز سڄڻ جو ٿيو، رڳ رڳ بدن ۾ بي حساب،
دائما دل ۾ تصوّر دلربا دلدار جو.
تيز ناهي تيغ اهڙي ان جون اکيون تيز تر،
قتل مون کي تو ڪري، هر وار تنهن سرڪار جو.
زلف ڪارا نانگ ڪاريهر مثل مون کي ڏنگن،
پُر الم پلپل ڪري، هر پيچ هر هڪ وار جو.
چشم مان ڳوڙها مدامي رت سنڌا جاري رهيا،
لال تن سارو ويو ٿي، درد و غم بردار جو.
شاهہ خوبان جي ڪري ”مشتاق“ چا تعريف هت،
آ مدامي مون وظيفو، نام ان منٺار جو.

1954ع

★ ★ ★

# غزل

دل کي سنڀال، دوست جو ديدار تو ٿئي،
عاشق سان الفتن جو اظهار تو ٿئي.

جنت ٿئي جهنم محبوب جي وڃڻ سان،
دوزخ حبيب آئي، گلزار تو ٿئي.

جوين جي جوت جيسين پروان پڻ هزارين،
سرهاڻ بعد گل خود، خس خار تو ٿئي.

ميخوار مست مئي جا، آهن مدامي ليڪن،
لب يار جي تي مئي خود، ميخوار تو ٿئي.

وارن کي ور ڏئي تو، واري وجهي ڪلهن تي،
هِت سوز سور، پر هُت، سينگار تو ٿئي.

زردار مال زر گهر، گهوري سڄڻ جي سر تان،
پياري پرين جي پرت جو، پينار تو ٿئي.

ناز و ادا کي سمجهڻ "مشتاق" آهي مشڪل،
اقرار ساڻ گڏ، ڏس انڪار تو ٿئي.

★ ★ ★

# غزل

رمز آ الهام واري يار جي پيغام ۾،
عيد يا معراج سمجهان وعدهِ گلفام ۾

عشق جي آڙاهه ۾ آهي اڙائي جان مون،
ان ڪري مليا اٿم، آزار ڏک انعام ۾.

جي ملي قيمت تي مون کي نازنين جي هڪ نظر،
ساهه سر گهر مال و زر مان گهوريان نيلام ۾.

غم جدائي جو ڪيان ظاهر، زبان مُنهنجي سڙي،
جي رهان خاموش، سينو ساهه سر ماتام ۾.

زلف ڪاڪل جي ڪڙي ۾ پير پاتو مرغِ دل،
ور پيو ونگجي وئي بس دل اڙي وئي دام ۾.

پل رهو راڻا رُتل، پر خوش هجو شل خير سان،
عاشقن جو ڏاج ڏک تيا، عشق جي احڪام ۾.

مرغ دل پرواز سان ٿيو تير چشمن جو شڪار،
ڪاش چڪنا چور ٿي، سنجي ڪريو سر سام ۾.

سيفِ ابر و جون سهي "مشتاق" چا سُهمون سگهي،
آهي لرزش لحم ۾ هر لختہ هر اندام ۾.

1955ع

★ ★ ★

# غزل

اتي سير خدا نام و نشان پنهنجو عيان ڪر تون،
هٽي تڪبير لرزش ۾ زمين و آسمان ڪر تون.

خدا جي دين خاطر سِاهه سر گهر مال ڪر صدقي،
شهيد ڪربلا وارو مطالع داستان ڪر تون.

تون سيف الله خالد جي وري سنّت کي زنده ڪر،
عَلم اسلام جو کڻ، فتح هي هندوستان ڪر تون.

هٽي اسلام جا نعرا مثلِ شبّير شبّر تي،
جواهر لال نهرو کي سگهو ئي مسلمان ڪر تون.

نہ ڪر سر ساهہ جو سانگو ڪتائي ڪنڌ تي سرهو،
اسان جي قوم بي جان کي تہ زنده جاودان ڪر تون.

وطن ۽ قوم جو گلشن مجاهد رک سدا آباد،
خزان جي دور ۾ شاداب پنهنجو بوستان ڪر تون.

سگهو پير و جوان تيّار ٿي ڪشمير تي ڪاهيو،
هلي محمود جيئن دهلي دکن ۾ آستان ڪر تون.

فقط هي عرض مون ”مشتاق“ جو مقبول ڪر مولا،
تہ پاڪستان جو روحِ روان پير و جوان ڪر تون.

1958ع

★ ★ ★

# غزل

عشق جو آزار اڻ ٽر، دائما دل ۾ رهي
نازنين، پيوست تنهنجي گهور، گهائل ۾ رهي.

باغ ۾ بادِ خزان، ڏک ڪانگ کي کهڙو ٿئي،
داغ حسرت جو سدا ٿو، دل عنادل ۾ رهي.

سک سڄڻ ري سور سمجهان، دور ٿي دلبر ويو.
يار جي ديدار خاطر، جان مشڪل ۾ رهي.

روبرو هر وقت خدمت يار جي ۾ ٿو رهان،
پر جدائي ۾ ٻه منهنجو روح محفل ۾ رهي.

تير نظرن جو لڳو، دل پرزا پرزا ٿي پئي،
پر نگاهِ يار سان ٿو، ساه بيدل ۾ رهي.

عشق جي درياءَ جون سُهمون سَهي جو سير ۾،
